ڪراچي

# Martyrdom of the Sons
## OF
## SRI GURU GOBINDSINGH SAHIB.

503
107

ڇپائيندڙ

"گور سنگت" هيرآباد

حيدرآباد سنڌ.

١٩٢٧

# صاحبزادن جي شهيدي

پيسا ٠-٤-٠ آنا

لکندڙ

فتح چند مينگهراج

آڏواڻي

نئشنل پرنٽنگ ورڪس، حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپيو.

# کلنگی ڌرمہما

(۱) دسمیس پتا کا ثانی     کوئی دوسرا نہ دیکھا
آگے کوئی نہ ہوگا     پیچھے ہوئا نہ دیکھا

(۲) جب ہوئا نو برس کا     پتا کا سیس لایا
بالپن میں شیر ایسا     کوئی دوسرا نہ دیکھا

(۳) وارا ہے ڌرم خاطر     سربنس سارا جس نے
تو "شکر شکر" کہتا     کوئی سدا نہ دیکھا

(۴) جس جس کو ستگورو نے     امرت چھکا کے تارا
تو پھر جہان پر اُسکو     کب ڈوبتا نہ دیکھا

(۵) جب ہاتھ پکڑ کھنڈا     میدان میں آن گرجے
جو ڈٹا مقابلے میں     کوئی آڑا نہ دیکھا

(۶) شاہی مقابلے میں     گورو ہاتھ وو دکھائی
ظالم ستمگروں نے     سر کو اُٹھا نا دیکھا

(۷) ہندو ہو یا مسلم     دربار میں جو آیا
درشن گورو کے خالی     کوئی گیا نہ دیکھا۔



سری گورو گوبند سنگھ صاحب

LIBRARY,
Institute of Sindology

هيءُ پوتر پستڪ

ڪهڻي پريم ۽ شرڌا سان

پنهنجي پوڄيه مترَ

**سچ کنڊ واسي**

**ديوان ليلارام سنگهه**

**وطڻمل صاحب**

جي پوتر يادگيريءَ ۾

ارپڻ ٿو ڪريان.

ف - م - آ.

LIBRARY.
Institute of Sindology
University of Sind Jamshoro Sind

# مهاڳ.

”دسميس پتا کا ثاني، ڪوئي دوسرا نہ ديکا
آگي ڪوئي نہ هوگا، پيڇي هوئا نہ ديکا.“

صاحب گورو گوبند سنگهہ جو لاثاني مثال آهي، جنهن جهڙي قرباني دنيا ۾ هيل سوڌو ٻئي ڪنهن ڪانہ ڪئي آهي. جڏهن صاحب اجا نون (۹) ورهين جا مس هئا، تڏهن هڪ دفعي ڪيترا ڪشميري پنڊت سندن پتا سري گورو تيغ بهادر صاحب جن وٽ آيا ۽ اچي صاحبن سان پنهنجو حال رنائون. اُنهن جو دردناڪ حال ٻڌي صاحبن جي دل ڀرجي آئي. گورو گوبند سنگهہ صاحب اهو ڏسي کانئن پڇيو تہ ”پتا جي! اوهين جو ايترو اُداس پيا ڏسجو، تنهنجو سبب ڪهڙو آهي؟“ صاحبن فرمايو تہ ”ٻچا! هندو ڌرم جي هاڃي ٿي رهي آهي. جيڪڏهن ڪو مها پرش هندو ڌرم جي رکيا لاءِ پنهنجو سر قربان ڪندو تہ پوءِ ظالمن جي ٻاڙ ٻٽجي ويندي.“ تنهنتي صاحبن پنهنجي پتا کي چيو تہ ”سچا پاتشاه! اوهان کان وڏيڪ ٻيو ڪير پرماتما جو پيارو آهي؟ اوهان تي ايشور جي ڪرپا جهڙي آهي. سڀ اوهان کي گورو ڪري مڃين ٿا. ڪرتار ۾ اوهانجو

نالو "بهادر" رکيو آهي ۽ سو ڌرم ۽ ديس عدقي پنهنجو سر قربان ڪرڻ اوهان کي ئي ڄڳائي."

اهڙيءَ طرح سچي پاتشاهه پنهنجي پياري پٽا کي نندي هوندي ڌرم خاطر قربان ڪيو. ايڏي ننڍي اوستا ۾ ڪنهن به مها پرش ايڏو وڏو جگر نه ڏاريو آهي، جو پنهنجو پٽا قربان ڪري. اهو سري گورو گوبند سنگهه ئي آهي، جنهن سرونس ڌرم خاطر قربان ڪيو ۽ پنهنجا ٻچا اکين سامهون شهيد ڪرايا ۽ پوءِ به "شڪر شڪر" چيو!!

"ڌرم اُتي سارا پروار واريا
ڦير ڦير مکه تون شڪر اُچاريا."

هن ننڍي پستڪ ۾ صاحبن جي چئن پٽرن جي شهيديءَ جو مختصر بيان ڏنل آهي. شل اهو پڙهي اساڻي هردي ۾ ديس لاءِ ڪجهه قدر جاڳي!

حيدرآباد سنڌ،
تاريخ ١٠ جنوري ١٩٢٧ } فتحچند مينگهراج آڏواڻي

੧ ੴ ਵਾਹਗੁਰੂ ਜੀ ਕੀ ਫਤਹ ॥

# صاحبزادن جي شهيدي

سري گورو گوبند سنگهه صاحب سکيءَ جي پرچار لاءِ پرچارڪن جون انيڪ ٽوليون ٻري ٻري ديسان ديس موڪليون هيون. هڪ جٿو پهاڙي راجائن جي ملڪ ۾ پڻ ويو. پهاڙي راجائون، جي بت پرست هئا، تن جي گورو صاحبن سان اصل ڪانه پوندي هئي. هڪ دفعي جڏهن صاحبن جا ماڻهو اتي ويا، تڏهن راجا جي حڪم موجب اُنهن کي ناڻي تي به شيءِ نٿي ملي. تنهنتي سنگهن ڪروڌ ۾ ڀرجي ڪيترا ڳوٺ لٽيا ۽ ڦريا. راجا اجميرچند، جو پنهنجي پيءُ راجا ڀيمچند کان پوءِ گاديءَ تي ويٺو هو، تنهن پنهنجو وزير صاحبن ڏي موڪليو. صاحبن جي آگيا سان ڀائي ڪرپال چند وزير کي چيو ته ”اوهان جي ملڪن ۾ اسانجي خالصن کي پئسن تي به جي شيءِ نه ملندي ته پوءِ خالصا ڪاڏي وڃن؟ اسانکي ته هن ديس ۾ ئي رهڻو آهي.“

وزير اهو سربستو حال اچي راجا سان ڪيو. اجميرچند

پڻ پهاڙي راجائن کي پاڻ سان شامل ڪيو. انهن مان مکيہ گهمند چند ڪانگڙي ديس جو راجا، ڀيرسنگهہ جسپال جو راجا ۽ مانڊي، جمون، نورپور، سري نگر ۽ گُلير جا راجائون گڏجي ستگورن جي برخلاف اورنگزيب وٽ دانهين تي ويا. اورنگزيب کي تہ ڪپندي ئي اها ڳالهہ هئي. ڏٺائين تہ منهنجو لشڪر اڪيلو ستگورن جي لشڪر سان پڄي نہ سگهندو، تنهنڪري پهاڙي راجائن کي چيائين تہ هر هڪ اوهان مان پنهنجو پنهنجو لشڪر وٺي انندپور تي ڪاهي. پوءِ بادشاه دهلي، سرهند ۽ لاهور جي صوبن (نوابن) کي حڪم موڪليو تہ پنهنجو لشڪر وٺي وڃي انندپور قلعي تي گهيرو ڪريو.

## انندپور تي گهيرو.

وزيرخان جو لشڪر سرهند مان گجندڙ سمنڊ وانگي ڪاهيندو آيو. زبردست خان لاهور جي صوبي جو خوفناڪ لشڪر بہ ڏوڪيندو آيو. ٻئي صوبا اچي **روپڙ ڊنڊي** وٽ هڪ ٻئي سان گڏيا. پهاڙي راجائون بہ پنهنجو پنهنجو لشڪر وٺي آيا ۽ سڀيئي گڏجي انندپور روانا ٿيا. بادشاه وزيرخان کي شاهي لشڪر جو سپہ سالار مقرر ڪيو هو. صاحبن شاهي لشڪر کي ايندو ڏسي توپچين کي حڪم ڏنو تہ جتي گهڻو لشڪر ڪٺو ٿيو بيٺو هجي، اتي توبن جو وسڪارو ڪريو. شاهي لشڪر کي ڪليل

ميدان ۾ ڪو اچهو ڪونه هو، جنهنڪري توهن لڳڻ ڪري گهٽا مارجي ويا. پوءِ گورو صاحب پنهنجن ٻن وڏن سرڪردن ڀائي اُڏيسنگھ ۽ ڀائي ديا سنگھ کي حڪم ڏنو ته وڃي دشمن جي لشڪر تي ڪاهيو. تنهن تي اُنهن شاهي لشڪر ۾ گهڙي تاڪوڙ و وڃهي ڏنو. اِهو ڏسي ٻهاڙي راجائن صلاح ڪئي ته جنگ حال في الحال بند ڪجي ۽ ٻئي ڏينهن بندوقن سان قلعي تي ڪاهجي. اِها صلاح سڀني کي پسند آئي. چون ٿا ته پهرئين ڏينهن نو سؤ (٩٠٠) مسلمان مئا.

ٻئي ڏينهن گورو صاحب پاڻ گهوڙي تي چڙهي لشڪر جا مهندار ٿي بيٺا. صوبن ڏلو ته ستگورو نيلي گهوڙي تي سوار آهن ۽ هٿ ۾ تيرڪمان اٿن. اُنهن صاحبن تي بندوقون چوڙيون، پر صاحبن ٻه وار ٻه ونگو ڪونه ٿيو. اهو ڏسي صاحبن وري تيراندازي شروع ڪئي، جنهنڪري دشمن ۾ هائيدوس مچي ويو. پوءِ ٻهاڙي راجائون ۽ صوبا اچي پاڻهر اٽڪيا. هرڪو هڪ ٻئي کي ڏوهه ڏيڻ لڳو. اُنهيءَ ڏينهن به لاچار جنگ بند ڪيائون.

جڏهن وڙهڻ ۾ پاڄي نه سگهيا، تڏهن پاڻ ۾ صلاح ڪيائون ته ساري شهر کي گهيرو ڪجي ۽ سڀ آمدرفت بند رکجي. صاحبن پنهنجي وڏي فرزند بابا اجيتسنگھ

کي اُهو ڀاڱو شهر جو حوالي ڪيو، جنهنکي **ڪيس ڳڙهه** ڪري سڏبندا هئا. ڀائي نهرسنگهه ۽ شيرسنگهه کي **لوها ڳڙهه** جو قبضو ڏنو ويو ۽ پنهنجي سؤ ماڻهو کين ڏنا ويا. ڀائي عالم سنگهه کي پنهنجي سؤ ماڻهن سان **اگمپور** جو قلعو سنڀال لاءِ ڏنو ويو. ڀائي اُديسنگهه کي پنهنجي سؤ ماڻهن سان شهر جو ٻيو ڀاڱو حفاظت لاءِ ڏنو ويو. ڀائي ديا سنگهه کي اُتر طرف ڀتين وٽ پهريدار ڪري ٻهاريو ويو. اُنکي ٻه پنهنجي سؤ ماڻهو ڏنا ويا. مطلب ته اننڊپور جي شهر ٻچاڻ لاءِ صاحبن بلڪل پورو بندوبست رکيو.

هڪ ڏينهن صاحبن قلعي مان ڏٺو ته ٻهاڙي راجائون ۽ صوبا ٻاهر گڏجي هڪ صندل تي چؤنپڙ راند ويٺا ڪن. صاحبن پنهنجو هڪ تير اُنهن جي طرف موڪليو. تير وڃي صندل جي هڪ ٻائي ۾ کتو. اُنهن تير ڪڍي ڏٺو ۽ سوني ڇهنب مان سمجهيائون ته اهو صاحبن جو آهي ۽ چوڻ لڳا ته ايتري پند تان سواءِ ڪرامت جي تير جيڪرا اچي نه سگهي. گورو صاحبن اُنهن جو اهو حال معلوم ڪري ٻئي تير ۾ هڪ چٺي لکي موڪليو ته اها اسان جي ڪرامت نه هئي، پر اهو اسانجو ڪرتوب آهي. مطلب ته اها اسانجي تيراندازي آهي.

جڏهن گهڻا ڏينهن گذري ويا ۽ گهيري ڪرڻ ٻان ڪو ڪڙ تيل ڪونه نڪتو، تڏهن سڀئي صوبا

راجا اجميرچند کي ورائي ويا. ڇيائونس ته هاڻي ڪنڙو منهن کڻي بادشاهه وٽ ملنديون؟ بادشاهه وٽ دام ڪين هئي ۽ ته صاحبن وٽ لشڪر بلڪل ٿورو آهي ۽ جلد ناس ٿي ويندو؟ هيئنئر هيترو سارو لشڪر سکن جو ڪٿان پرگهٽ ٿيو؟ اسين وڏي ٽڪ هتي ڪين رهنداسون ۽ پنهنجا لشڪر موٽائي ولي ٿا وڃون. اوهان پهاڙي راجائن کي جنگ وٺي تنگ ڪريو. تڏهنتي راجا اجميرچند ۽ بين پهاڙي راجائن کين گهڻي رشوت آڇي ۽ ڇٽ ڇوٽ ڪري کين ترسايائون.

بئي ڏينهن پهاڙي راجائن ۽ سيني صوبن جي لشڪر گڏجي انندپور تي ڪاهه ڪئي. گورو صاحبن حڪم ڏنو ته ٻه وڏيون توبون ڇوڙيو. توبن ڇٽڻ تي دشمن جا تنبو اڏامي ويا. ڏوڙيو مچي ويو ۽ گهڻا ماڻهو دشمن جي لشڪر جا ناس ٿي ويا. صاحبن ان وقت اڪال پورکه جي ڏنيواد مڃائي.

انندپور ۾ ڪاڏي جي اڳاٽ ٿي پيئي. شهر جا ماڻهو آهستي آهستي لڏيندا ويا. اٽي جو اڌ سير هڪ رپئي ملڻ لڳو. پر تڏهن به صاحبن جي سکن اچا ستيا نه ڇڏي. حالت ڏينهون ڏينهن ابتر ٿيندي ويئي. سکه بکه ۾ پاهه ٿيڻ لڳا. هرهڪ کي اڌ پاءُ اٽو ڪاڻڻ لاءِ ملندو هو، سو به ڪنهن ڏينهن ملندو هون ته ڪنهن

ڏيهڻ ڪونہ. صاحبن جي هٿن کي ٻه اوترويئي آن
ڪاٺڙيا لاءِ ملندو هو. مگر بعضي بعضي رات جو دشمن
جي چانوٽيءَ ۾ ڪاهي پوندا هئا ۽ اتان ڪجهہ کاڌي
جو سامان کڻي ايندا هئا. جڏهن اهو به پورو ٿيو، تڏهن
وڻن جي پاڙن ۽ ٿڙن تي گذران ڪرڻ لڳا. جيتوڻيڪ
ته جيتوڻيڪ سکن سان ڏاڍيون تڪليفون هيون، تڏهن
به ستگورن جي پريم وچون هنن دل نہ هاري.

راجا اجميرچند هڪ اتي جي گانءِ ناهي هڪ
براهمڻ هٿان هن نياپي سميت صاحبن ڏي موڪلي ته
”اوهين انندپور ڇڏي وڃو ۽ بلاشڪ پنهنجو مال ملڪيت
به پاڻ سان کڻي وڃو. مونکي گئو ماتا جو قسم آهي ته
اوهان جي سکن کي ڪوبہ هٿ نہ لائيندو.“

مسند گورو صاحبن جي ماتا وٽ ويا ۽ وينتي
ڪري کيس چوڻ لڳا ته ”ماتا جي! توهين صاحبن کي
چئو ته انندپور ڇڏي هلن.“ ماتا گوجريءَ صاحبن تي
زور لاتو ته انندپور ڇڏي هلو، پر صاحبن جواب ڏنو ته
”اهي پهاڙي راجائون ڪوڙا آهن. انهن جي زبان تي ٻٽ
ڪانهي.“ صاحبن ٻوءِ براهمڻ کي فرمايو ته ”اسين
انندپور ڇڏ ڏينداسون، بشرطيڪ اسانجو سامان پهريائين
لنگهڻ ڏيندا.“ پهاڙي راجائن سالگرام تي ۽ مغل صوبن

قران شريف تي قسم کنيو تہ اوهان کي لنگهڻ ۾ کا روڪ يا اٽڪ نہ ڪندا سون.

## مغلن ۽ پهاڙي راجائن جي پرڪيا.

صاحبن هو ۽ پنهنجي خزانچيءَ کي گهرائي فرمايو تہ "سڪل موچڙا، قاتل تتل ڪپڙا، ڏونيدن جا هڏا، پگهل ماسڻ، ۽ ٻيو ڪچرو جيڪو انندپور جي بازار مان هٿ اچي سگهي، تن جا بورا ڀرائي ڏڳن جي گاڏين تي رکايو. هرهڪ بوري جي مٿان ڪي سٺا ريشمي ڪپڙا وجهايو ۽ بورن کي ڪيمخاب سان ڍڪايو تہ ائين ڏسڻ ۾ اچي تہ بورن ۾ هيرا، جواهر ۽ ٻيو قيمتي سامان آهي." صاحبن جي حڪم جي پيروي ڪئي ويئي. ڏڳن جي سڱن سان ڏياتيون ٻڌي ٻاريون ويئون تہ ڪيمخاب جو تجلو دشمن جو ڏيان ڇڪائي. اها رات ٻڻ چانڊوڪي هئي. گاڏيون اڌ رات جو انندپور کان نڪتيون. سپاهيڪ دشمن جو خيال عمدي سامان ڏي ڊوڙيو ۽ هو ٻڪايلن گڏڙن جيان اچي سامان تي پيا. آهي مٽيئي ڇهہ هزار هئا. سکن هڪ وڏي توب ڇوڙي، جنهنڪري دشمن جو وڏو حصو مارجي ويو. جڪي مال هٿ لڳو، تن رات جو ڪونہ کوليو. صبوح جو کولڻ سان خبر پين تہ بورن ۾ ڇا آهي!

## سکن کي پرٻوڌ.

گورو صاحب پوءِ پنهنجي سکن کي پرٻوڌ ڏنو تہ "پيارا! اوهين پهاڙي راجائن ۽ مسلمانن جي ڪوڙي قسم تي اعتبار رکي ويٺا هئا، پر سندن حال پنهنجن اکين سان ڏٺو. دک سک پرماتما جي ڀاڻي انوسار جيءَ کي ملي ٿو. دک ۽ سک پرماتما جي ڪرپا آهي، تنهن ڪري دک صبر سان سهڻ گهرجي. گورو نانڪ ديو جن جا وچن آهن تہ "دک دارون سک روڳ ڀيا، جا سک تام نہ هوئي." هي پيارا! ڪرتار سڀ ڀلي ڪندو. اوهين ٿورو ڌيرج ڌريو."

## اؤرنگزيب وٽان قاصد جو اچڻ.

نيٺ هڪ قاصد اؤرنگزيب جو دستخط ڪٽي صاحبن وٽ آيو، جنهن ۾ لکيل هو تہ "مون قرآن شريف جو قسم کنيو آهي تہ مان اوهانکي ڪو نقصان نہ پهچائيندس ۽ جي ائين ڪيم تہ خدا صاحب جي درگاهہ مان خارج ٿيندس. مهرباني ڪري جنگ بند ڪري مون وٽ اچو. جيڪڏهن مون وٽ اچڻ نٿا چاهيو تہ جيڏانهن وڻيو تيڏانهن وڃو، پر ڪٿي بہ ڪري آنندپور ضرور ڇڏيو." قاصد وڌيڪ چيو "جيئڏا قبلا! جيڪي بادشاهہ وٽ اچن ٿا، سي اوهان جي ساراهہ مان ڍاپن ئي نٿا. بادشاهہ سمجهي ٿو تہ اوهان جي صحبت مان ڪيس گهڻو

فيض رسندو، تنهنڪري هو اوهان جي ديدار جو پياسي
آهي. هن سڳوري پيغمبر جو قسم کنيو آهي ته هو اوهان
کي ڪو به نقصان نه پهچائيندو. پهاڙي راجائن پڻ گئو ۽
جو سئون کنيو آهي ته هو ڪا به روڪ نه ڪندا.
جيڪي ٿي گذريو آهي، تنهنکي ياد نه ڪريو. اوهان
جي سامان تي جا لت ٿي، تنهنجو راجائن جو ڪو واسطو
ڪونه هو. ڦورن کي خوب سزا ڏني ويئي آهي. هي
جهان پناهه! ديا ڀالي انندپور ڇڏيو ۽ مون سان گڏ هي
بادشاهه وٽ هلو." تنهنتي گورو صاحبن کيس فرمايو ته.
"اوهين سڀيئي ڪوڙا آهيو. اوهان جي قسمن تي اسان
کي ڪو به اعتبار ڪونهي. اوهانجي بادشاهي جلد ڇٽ
ڦيڻ واري آهي. اوهان اڳيئين پيري پڻ انجام ڪيو
هو، پر اهو به نه پاڙيو ۽ ويساهه گهاتي ڪيو. اوهانجي
لشڪر جو ڪم آهي وڙهڻ ۽ نه ڦورن لوٽن وانگر ڦر
ڪرڻ." ائين چئي صاحبن قاصد کي رخصت ڏني.

**ماتا گوجريءَ جي انند پور ڇڏڻ لاءِ وينتي.**

سک صاحبن جي ماتا وٽ ويا ۽ وڃي کيس هدايئون
ته صاحب انندپور ڇڏڻ جي نتا ڪن. تنهنتي ماتا
گوجريءَ صاحبن کي سمجهايو ته سک هيمنٿر پکر پر پاهر
ٿا ٿين ۽ وڏيڪ ترسڻ جي نٿا ڪن. تنهنڪري بهتر
آهي ته انندپور ڇڏجي. گورو صاحبن سکن کي سڏي

فرمايو ته ”پيارا، جيڪڏهن اوهين هينئر انندپور ڇڏيندا
ته سڀ مارجي ويندا ۽ ڪو به اوهان منجهان سلامت
نه رهندو. تنهنڪري صلاح ڀري ڳالهه هيءَ آهي ته آٺ
ڏينهن وڌيڪ ترسو. ڪرتار سڀ ڀلي ڪندو. ترڪن
۽ ٻهاڙي راجائن جا لشڪر تنهن وچهه ضرور گهٽ ٿيندا
۽ جيڪي بچندا سي به ڪڪ ٿي مليا ويندا. اِنهيءَ
حال هوندي به جي اوهان کي رهڻ جي مرضي نه هجي
ته مونکي ٻي دعوي جا ڪاغذ لکي ڏيو ” ته نه مان اوهان
جو گورو ۽ نه اوهين منهنجا سک.“ پوءِ جئن اوهان
کي وڻي تئن ڪريو. جي منهنجي صلاح ٻڌاندڙ هلندا
ته مان اوهانکي هرطرح جي مدد ڏيندس ۽ اڪال پورکه
به منهنجو مهر جو هٿ اسان سينن تي گهمائيندو.“ اهو
ٻڌي سک ۽ ماتا گوجري صبر ۾ رهيا.

## انندپور ڇڏڻ جي تياري.

ٻه چار ڏينهن گذريا، پر سک وڌيڪ بکون سهي نه
سگهيا. نيٺ ڪيترن سکن بي ايمان ٿي، صدق ڇڏي،
صاحبن کي ٻي دعوي جا ڪاغذ لکي ڏنا. صاحبن جي
ماتا به ڪوپ ٿي، قلعي مان ٻاهر نڪرڻ جو پڪو ارادو
ڪيو. صاحبن فرمايو ته انهيءَ مان ڪا ڇڏائي ڪا نه
نڪرندي ۽ پوءِ انندپور ڇڏڻ جي تياري ڪرڻ لڳا.
صاحبن تنبو ۽ ٻيو ڪيترو سامان ساڙايو ۽ ڪجهه

زمين ۾ ٻوڙايو. ڪئين صدقي سک هئا، جن اهڙي سختي سهي ۽ ٻه صاحبن جي هٿ نه ڇڏي ۽ توڙ سوڌو ثابت قدم رهيا. گورو صاحبن کين فرمايو ته "پيارا، اسين ذات جو اُپرندي طرف ڪُوچ ڪنداسون. اوهين سڀ گڏ جي هلجو ۽ خوب ترڪن ۽ پهاڙي راجائن جي لشڪر سان مقابلو ڪجو."

جڏهن صاحبن جي ماتا، استريون ۽ ٻه ننڍا صاحبزادا ٻاهر نڪتا، تڏهن گورو صاحب پنهنجي پتا جي سماڌ تي ويا ۽ ڀائي گوربخش هڪ اُداسي ساڌوءَ کي فرمايائون ته "پيارا، هن سماڌيءَ جي تون سدائين سنڀال ڪندو رهجانءِ. تنهنجو وار به ونگو نه ٿيندو."

## مغلن ۽ پهاڙي راجائن جو حملو.

ٻاهر نڪرڻ شرط دشمن جي ساري ڪٽڪ اچي مٿن حملو ڪيو. ماتا گوجريءَ سان، سندس ٻه ننڍا پوٽا بابا **زوراور سنگهه** ۽ بابا **فتح سنگهه** هئا. کين سندن جهونو رسويو **گنگو** برهمڻ ملي ويو، جنهن سان گڏ جي هو وڃي سندس ڳوٺ **کيڙيءَ** ۾ نڪتا. صاحبن جون استريون هڪ سک سان وڃي دهليءَ پهتيون. گورو صاحب پاڻ، سندن ٻه وڏا فرزند بابا **اجيت سنگهه** ۽ بابا **جهوجهار سنگهه** ۽ اٽڪل چاليهارو کن سک، لڙندا ا

۽ ڪٿين تڪليفون سهندا نيٺ اچي **چمڪور** جي ويجهڙائيءَ ۾ پهتا.

## جنگ جي تياري.

صاحب گورو گوبند سنگهه جن گهوڙي تي چڙهي هلي ويا ته اڳيان هڪ آدمي گڏين، جنهن مٿو ٽيڪي کين پيرين لاءِ عرض ڪيو. گورو صاحب بيهي رهيا. ويجهو اچي هن وري سر جهڪايو ۽ هٿ ٻڌي عرض ڪيائين ته ”سچا پاتشاه! اوهين صاحب دين دنيا جا مالڪ آهيو. مان هڪ سرڪاري نوڪر آهيان. مونکي ترڪن جي لشڪر کي نيابو پهچائڻو آهي. اورنگزيب اوهان صاحبن جي پڪڙائڻ لاءِ جا فوجي پرتي موڪلي آهي، سا اچي پهتي آهي. ڪرپا ڪري جلدي ڪو بچاءَ جو بندوبست ڪريو.“ ائين چئي هو موڪلائي روانو ٿيو.

گورو صاحبن ويچار ڪيو ته، ترڪن ۽ پهاڙي راجائن جي وڏي سٿنا اسان جي پٺ ولندي پيئي اچي ۽ اڳيان پڻ گهڻي فوج اچي چڪي آهي. هاڻي جنگ کان منهن موڙي ڀڄي وڃڻ ۾ ڪا سُورمتا ڪانهي، مگر ٿوري فوج سان مقابلو به سٺو نه آهي. تنهنڪري صاحبن پنهنجو رخ ڦيريو ۽ گهوڙي جو لغام ڀٽي پاسي ورايو. ڊلندي ڊلندي هو **چمڪور** جي ڳوٺ ۾ اچي

ٻيٺا. اُتي هڪ اوُچو استان هو ۽ ٻيو هڪ ڪچو قلعو
هو، جو حويليءَ وانگر ڏسڻ ۾ ٿي آيو. اُها جاءِ ٻن ٻائرن
جي هٿي، جن مان هڪ زبردست هو ۽ ٻيو ڪمزور
هو. سپاهيڪ سگهارو ٻاٻو هيٺئين کي هلاڪ ڪندو هو.
صاحبن اچي ڳوٺ جي ويجهو باغ ۾ ڏيرو ڪيو. ٻه
سک ڳڙهه جي مالڪن کي سڏڻ ويا. اُنوقت ٻنهي سک
**روپڙ** تان گهوڙا ڀڄائيندا اچي پهتا. اُهي هٿ
ٻڌي چوڻ لڳا ته "هي سچا پاتشاه! اوهان کي سڌ آهي
ته **سرسا** نديءَ اوهان جي لشڪر کي اچڻ ۾ ڪيتري
نه اٽڪ ڪئي؟ اُتي صاحبزادو اجيت سنگهه خوب ترڪن
سان لڙندو جهڙندو نيٺ اوهان صاحبن وٽ اچي پهتو
آهي. مگر جيڪي سنگهه صاحبزادي جي بچاءَ واسطي
اُتي پنهنجي مرضيءَ سان بيٺا رهيا، سي سڀ گهڻو
وقت ترڪن سان بهادريءَ سان وڙهي نيٺ مارجي ويا.
اسان کي به گهڻا زخم پهتا، ٻر اسانجي جٿيدار اسانکي
موڪليو ته اوهانکي اهو حال سڻايون ته هاڻي ترڪن ۽
پهاڙين کي روڪڻ لاءِ ڪو به ڪونهي ۽ اُهي اوهان
ڏانهن ڏوڪيندا پيا اچن، تنهنڪري اوهين ڪو
بندوبست ڪريو. ماتائون روپڙ ۾ هڪ سک جي گهر
اڪل آهن، جتان دهليءَ ڏانهن وڃڻ جو ارادو اٿن.
وڏي ماتا پنهنجن نندين پوٽن سميت گنگو برهمڻ سان

گڏ جي ويٺي آهي. اسانکي هڪ ماڻهو وات تي گڏيو، جنهن چيو ته شاهي لشڪر کي گهٽي پرتي اچي جڪي آهي. سو هي سچا پاتشاهه! هاڻي جڻن واجب سمجهو تئن بچاءَ جو ڪو بندوبست ڪريو."

گورو صاحب سکن کي فقط انن ڏينهن ترسڻ لاءِ چيو هو. اٺ ڏينهن ترسن ها ۽ ڪشت سهن ها ته فتاح سندن هٿ ۾، پر سکن نه مڃيو. گورو صاحب هيئنر فرمائڻ ته "گذريءَ کي ڇا ياد ڪبو. جا ٻٽي سا وام! هاڻي هتي ئي جنگ جو ميدان بڻائڻو آهي. اهوئي رستو وڃي بچيو آهي."

ايتري ۾ سکر جيڪي ڳوٺ ۾ ويا هئا، سي ڳڙهه جي مالڪن کي وٽي آيا. زبردست پاڻ جوڙ لڳو ته اوهان کي اندر پير پائڻ نه ڏيندس. مگر جڏهن سندس هيٺ پاڻ پئسا وٽي ڳڙهه جو دروازو کولي ڏنو ۽ صاحبن جا ماڻهو يڪدم اندر گهڙيا، تڏهن ڳڙهه جو پيو مالڪ به لاچار ٿويان پير ڪري موٽي ويو.

سکن هاڻي ڳڙهه ۾ مورچيبندي شروع ڪئي. اٺ اٺ سکر هڪ هڪ ڪنڊ ۾ بيهي ويا، جن دشمن تي تير ۽ گوليون وسائي کين ويجهو اچڻ نه ڏنو.

گورو صاحب پاڻ، صاحبزادو آجيت سنگهه، ڀائي ديالسنگهه ۽ ڀائي سنت سنگهه مٿي منارې تي چڙهي ويا.

ڀائي ڪرپالسنگهه ۽ مدن سنگهه دروازي تي ٻهاريا ويا ۽ ڪين
هنڌ وقون ٻڻ ڏنيون ويئون. مطلب ته چاليهه سکر جي ڳڙهه
۾ آيا هئا، سي سڀ پنهنجي پنهنجي جاءِ وجي ڪڙا ٿيا.
بارود، تير ۽ شستر ۾ وراهي ڪنيائون. پوءِ جيڪو سيڊ و
هٿ آين، سو رڍي پڇائي ڪائي اُٿيا.

## صاحبن جو اُپديش.

هن ڪشٽ سمي ۾ به چڙهدي ڪلا واري پاتشاه جي
سرت اڏول رهي. هو شير دل هئا. پنهنجن سکن کي فرمائڻ
لڳا ته "پيارا، جي سکر آنندپور ۾ جيو مڇين ها ته هي
سنڪٽ جيڪر ڪين اچي ها. واهگورو جي اڇا هئي
ته اٿ ڏينهن وڏيڪ ترسجي. پر سکن نه مڃيو. نتيجو
اهو ٿيو جو اهي سڀ مارجي ويا ۽ ڪنهن کي به بچاءُ جو
رستو هٿ نه لڳو. ترڪ ۽ پهاڙي هندو قسم کڻي به ايمان
ٿيا. هندو وچن پاڙڻ جا ڪمزور انهيءَ ڪري ٿي پيا آهن
جو صدين جون صديون غلاميءَ ۾ گذاريو اٿن ۽ منجهن
ڪا مردانگي ڪانه رهي آهي. ترڪن، بادشاهي مغروريءَ
۾ پاڻ وساري ڇڏيو آهي. هو ظلم ڪندا ٿا وتن ۽ ڏن
خرچي مؤجون ماڻيندا ٿا رهن. اهي ڪو به سريشٽ آچار
ڪو نه ٿا ڪن. بادشاه، هٺ، تعصب ۽ ظلم جو پتلو بڻجي
رهيو آهي. انهن سببن ڪري سندس بادشاهي جلد ختم
ٿي ويندي.

”هي پيارا، اوهين بلڪل ٿورا وڃي رهيا آهيو. نه فتح جو رستو آهي، نه سچي جنت جو، ٻاقي سورهن وانگر لڙي شهيد ٿيڻ جو آهي. دهليءَ کان جا بيحد سڪنا اچي چڪي آهي، تنهنڪي ڏيکاريو ته اوهين رڪ وانگر مضبوط آهيو. اڄ ڏيکاريو ته ڌرم ڪاتر زنده جوڌا ڪهڙا ٿيندا آهن. اڄ ثابت ڪري ڏيکاريو ته بهادر پنهنجي جان جي پرواهه ڪانه ڪندا آهن. اڄ پرسڌ ڪري ڏيکاريو تـه سريشٽ پرش سچ تان صدقي ٿي مرڻ ۾ ئي حياتيءَ جو مزو پسندا آهن. اسين اڄ موت جي منهن ۾ آهيون، مگر بي ڊپائيءَ سان ئي موت تي فتح حاصل ڪرڻي آهي. لڙي مرڻ سان ئي موت مٿان سچ ۽ ڌرم جي جيت ٿيندي. سر ويندو مگر شهيدي قائم رهندي. جان مان پران ويندو، مگر عزت سچي رهندي. ظاهري هار، مگر سچي سوڀ ٿيندي. اسان کي ڪنهنجي محتاجي ڪيڏي ڪانهي. اسانکي ڪنهنجي سرن پوڻو نه آهي. اسين سچ تي بيٺل آهيون؛ اسان کي سچ لاءِ وڙهڻو آهي. اسانکي ڌرم، سچ ۽ اُصولن کي ڪداچت ڇڏڻو ڪونهي. اسانکي سچ ۽ شهادت جي ڪيرتي جڳت ۾ ڦهلائڻي آهي. اسين خالصا آهيون.

”پيارا، اسانکي خالصو ٿي رهڻو آهي. موت خالصي

کي ڪونہ ٻاري سگهندو. متان ڪو الڪو ڪريو تہ اسان
جي مرڻ ڪري خالصا مري ويندا! خالصو امر آهي. اهو
آدرش سديو قائم رهندو. اڄ ساري سنسار کي ثابت
ڪري ڏيکاريو، تہ خالصو ڪهڙي نہ املهہ وٿ آهي.
اوهين سڀ سک آهيو. اوهين سڀ منهنجا پٽ آهيو. اڄ
اوهانکي پنهنجي خون سان خالصو ڌرم پالڻو آهي. اسين
اوهانکي اهو وچن ٿا ڏيون تہ جي اوهين اڄ هن سچي ۽
ڌرم جي لڙائيءَ مان ڀڄي نڪرندا تہ دنيوي راڄ اوهانجو
آهي ۽ جي شهيد ٿيا تہ پرلوڪ جو راڄ اوهانجو آهي."

اهڙي طرح سکن کي اُپديش ڏيندي متان رات اچي
پيئي. سک واري وٺيءَ تي پهرو ڏيڻ لڳا ۽ گوروصاحب
پاڻ ۽ صاحبزادن بہ واري سر پهرو ڏنو. امرت ويلي سري
آسادي وار جي پاڻ ڪانپوءِ جيڪو تورو آن ٻچيل هو،
سو ٻچائي تورو تورو کاڌائون. پوءِ دشمن کي منهن ڏيڻ
لاءِ تيار ٿي ويا.

آنندپور مان ترڪ، پناڻ ۽ پهاڙي ڪاهيندا پئي آيا.
انهن کي پتو ڪونہ پيو تہ گوروصاحب ڪٿي آهن. پر
جيڪا سڱنا دماءِ کان آئي هئي، تنهنکي خبر پئي هئي
وئي تہ گوروصاحب چمڪور ۾ لٿل آهن. اُهي سڀ اچي

ٻاھر مليا ۽ گڏجي چمڪور جي ميدان ۾ اچي ڏيرو ڪيا؟ ۽ حملو ڪري ڳڙھ وٺڻ جو سعيو ڪرڻ لڳا.

ھٽي ڏينھن صبوح جو ٻھاڙي راجائن، لاھور، دھلي ۽ سرھند جي صوبن گڏجي ڳڙھ تي چڙھي ڪئي. ڳڙھ جي اندر ٻه ٻنڌوبست پورو ھو. سک ٻنھنجن ٻنھنجن جاين تي محڪم ھئا ۽ واري وٽيءَ تي مٿي وڃي صاحبن کي سمورو حال ٿي ڏنائون. گولن جا ھندو، جي ڏرم ڪرم کان ھيڻا ھئا، تن شاھي لشڪر کي سکن جو سمورو حال ھٽي ڏنو. أنھن جاھلن کي ڪل ڪانہ ٿي پيئي تہ اِنھن ڪرتوتن ڪري أتاندو ھو ٻاڻ تي غلاميءَ جا زنجير خوب جڪڙي رھيا ھئا. أمي صدين جا ٻڌل، ڏرم ۽ ويرتا جي اوچي ڀاو کان محروم ھئا.

ترڪن ۽ ٻھاڙين ھڪ ٽولي ڏاھي ڳڙھ تي حملو ڪيو. ٻر سکن گولين جو اھڙو تہ وسڪارو مٿن ڪيو، جو ھو سڀ مارجي ويا. اھڙيءَ طرح ٻيون ٻہ ڪيترئون دشمنن جون ٽوليون ڳڙھ تي ڪاھي آيون، ٻر أنھن جو بہ ساڳيوئي حال ٿيو. ٻوءِ دشمن جا سپاھي گھوڙن جي چھن تي چڙھي تپندا تپندا ڳڙھ تي ڪاھيندا آيا. ٻر سک، جيڪي جيٽني ڪنڌن تي ٻيٺل ھئا، سي ڪين تيرن ۽ گولين سان ڦٽي ھيٺ ڪيرائيندا ٿي ويا. باقي جيڪي ٿورا دليرمنچھانئن

ٻاچي ڳڙهه جي ٻني تائين اچي پهتا، تنکي ٻه سکن ترارين سان زخمي ٻورو ڪيو.

اهڙيءَ طرح جڏهن دشمن جو گهڻو لشڪر مارجي ويو، تڏهن ٻنهي راجائون ۽ مسلمان صوبا گڏ جي پاڻ ۾ صلاح ڪرڻ لڳا ته هاڻي ڇا ڪجي. پهرين ته انهن جي خيال ۾ هو ته ڳڙهه جي اندر فقط ڏهه ويهه جوڌا آهن. پر ڳوٺ جي ماڻهن مان پتو پين ته پنجاهه سٺ، نه ته ٻه گهٽي ۾ گهٽ ستر (٧٠) سنگهه هوندا. وري ڪن کين پڌايو ته رات جو سکن کي لشڪر جي پرتي اچي ويٺي آهي. اهي آڌي رات جو شبد ڳائيندا ڳڙهه ۾ اندر گهڙيا ۽ آهن سڀ بلڪل گهٽا. جڏهن نٿو سگهجي ته ڪيترا آهن.

خضرخان، جو ترڪن جو هڪ وڏو مهندار هو، تنهن پنهنجي لشڪر ڏي منهن ڪري چيو ته ”اي سردارو! هيءُ جو هيترو نقصان اسانکي پهتو آهي ۽ گوروءَ سان پهچڻ مشڪل ٿي پيو آهي، سا ڪا اچرج جهڙي ڳالهه ڪانهي. ٻڌڻ ۾ آيو اچي ته هو وڏو پهلوان ۽ ڪرامت جو صاحب آهي. آنندپور تي اسانجو گهيرو ست اٺ مهينا هليو، پر گوروءَ جو شان شوڪت ساڳيوئي قائم هو. هن نڪا هار کاڌي، نڪي آڻ مڃيائين. باقي آنندپور ڇڏ يائين، سو به اسان جي ڪوڙن قسمن تي اعتبار رکي. اسانجو خيال هو ته

دشمن سان دغا ۽ فريب ڪري ڪيٺن بہ کين همت ڪجي؟ تنھنڪري اسان پنھنجا انجام اقرار ٽوڙيا. پر ڏسو تہ هو ڪوڙو نہ بہ ڏٺو آهي. جيئن ٺيڪ هو مناري تان سا ري فوج ڏسي ويئو، جا ڪوهن ۾ ديرو ڪري رهي آهي، تہ بہ همت نٿو هاري. هو شيردل ۽ مانجهي مڙس آهي. هن جي بهادريءَ واري لڙائيءَ ۽ دليريءَ جي اُصولن ۾ ڪنھن بہ قسم جو فريب ڪونهي. جيڪڏهن هو چاهي تہ اسان جي فوج مان پڇاڙيءَ جي قطار وارا سپاهي بہ تيرن جو شڪار ڪري سگهي، پر نہ! مناري تان تير فقط اُنهن کي لڳن ٿا، جي ڳڙهہ تي حملو ٿا ڪن. اها بيشڪ سچي بهادريءَ جي نشاني آهي. باقي فتح تہ هڪ اسانجي آهي، ڇاڪاڻ تہ اسانجو لشڪر بہ انداز آهي ۽ هو بلڪل ٿورا آهن. ڳڙهہ بلڪل ننڍو آهي ۽ جنگ جو سامان سرو بہ وٽن ٿورو آهي. هن حال ۾ گهڻا ڏينهن مقابلو ڪري گهڻا ڏينهن ڪندا؟ گهٽي ۾ گهٽو چار ڏينهن. تنھنڪري غافل نہ ٿيو. مڙس ٿي مقابلو ڪريو."

انهيءَ ڪانپوءِ دشمن جي هڪ ٽولي حملي ڪرڻ لاءِ سهيري آئي. گورو صاحب اُنوقت مناري تي دريءَ جي پرسان ويٺا هئا. سندن ڪلغيءَ ۾ جا موتين جي مالها پيل هئي، تنھنجو چمڪاٽ بعضي بعضي دريءَ مان

ٻاهر ڀڄي پيو. اُتان ويلي ئي گورو صاحبن جاچي جاچي تير ڇڏي ڇوڙيا، جن دشمن کي زخمي ڪري ڇڏيو. تير وري اهڙي زور سان ڇٽي آيا، جو هڪ هڪ تير گهٽ ۾ گهٽ آر پار ٿي ويو. گڙهه جي چؤگرد لاشن جا ڍير لڳي ويا. ڏاڍو هائيدوس مچي ويو.

اهڙي طرح جڏهن جڏهن دشمن حملو ڪري ٿي آيا، تڏهن تڏهن سڪ کين ٻاروت، گولين ۽ تکن تيرن سان ناس ڪندا ٿي ويا. ترڪن کي ٻلڪل گهڻو نقصان رسيو. جيڪي دروازي تي ڪاهيندا ٿي آيا، تنکي تيرن سان چٽي ٿي ڪيراهائون. ٻر جيڪي نصيبان تيرن جي نشانن کان بچي ٿي ويا، تنکي نيزن، ڀالن ۽ ترارين سان ٿي پورو ڪيائون.

## وڏن وڏن سردارن جو گڏجي پاڻ ۾ پهه پچائڻ.

تنهن ڪانپوءِ جڏهن وڏن سرڪردن ڏٺو ته هاطي سڄو لوڙ تي آهي ۽ نقصان ٻه گهڻو ٿي ويو، لشڪر ۾ ٻڻ بيدلي ڦهلجي وڃي آهي ۽ وڏا وڏا سورما ننڍن سپاهين کي منهن ۾ ڏيڻي تماشو ويٺا ڏسن، تڏهن ڪجهه غيرت کائي خواجه خضر، گاشيرخان، نهرخان ۽ ٻيا وڏا سردار سڱندا ولي حملو ڪري آيا. اهو حملو ڏاڍو زبردست هو. گورو

صاحبن پاڻ اُن جو مختصر احوال فارسيءَ ٻوليءَ ۾ *"ظفرنامي" ۾ ڏنو آهي، جنهن جو ترجمو هيءُ آهي.

"نيرا ڪپڙا ڪندڙ شترؤ اسان تي حملو ڪندا آيا. (اي اورنگزيب!) تنهنجي سئنا منجهان جيڪي اسان تي حملو ڪري نٿي آيا ۽ پنهنجيءَ جاءِ تي بيٺا رهيا، تن جو اسان نالو به ڪونه ڳڌو؛ ۽ اسان فقط انهن کي ٿي ماريو، جي اسان تي حملو ڪري ٿي آيا."

---

* ظفرنامو هڪ مهاسندر پستڪ آهي، جو سري گوروگوبند سنگهه صاحب جن فارسيءَ ٻوليءَ ۾ ڪوتا ۾ رچيو آهي. اصل ۾ اهو هڪ وڏو خط هو، جو گوروصاحبن پائي ديا سنگهه ۽ پائي ڌرم سنگهه هٿان چمڪور جي لڙائيءَ کان پوءِ اورنگزيب کي موڪليو هو. ظفرنامي ۾ ڪيتريون حڪايتون لکيل آهن، جن ۾ صاحبن اورنگزيب کي سندس ڪيل گناهه ڏيکاري فرمايو آهي ته "اي اورنگزيب! تون وڏو بي ايمان ۽ مايا جو مريد آهين. تون رڳو ظاهري تسبيح ڦيري پاڻ لڳي رهيو آهين. حقيقت ۾ تون هڪ تعصبي ظالم آهين. خدا صاحب جي توکي ذري به پُڇهه ڪانهي. لکن دفعا کٽي قران تي قسم کڻين، ته به اسانکي اعتبار نه اچي. اسان پهاڙي راجائن سان انهيءَ ڪري جنگيون ڪيون، ڇاڪاڻ ته هو بت پرست هئا. جنهن سان اڪال پورک سهاءِ، تنهنکي نڪو ڏپ نڪو ڏاءُ."

”جڏهن **نهرخان** جنگ ۾ ڪاهي پيو، تڏهن اسان هن کي هنن جي تيرن جو مزو چکايو. **بري خان**، جو نهرخان سان گڏ گهوڙي کي ڪڏائيندو ۽ ٽپائيندو ۽ ڦيرائيندو اڳتي آيو، سو ته ڪانئرن وانگي ميدان ڇڏي ڀڄي ويو. پوءِ هڪ ٻئي تيرن ۽ گولين جو وسڪارو ڪندو طوفان جيان ڌوڪيندو آيو ۽ ڪجهه قدر ڏاڪوڙو وجهي ڏنائين، پر نيٺ منهنجي هن سڪن کيس هٽي پورو ڪري ڇڏيو. تنهن کانپوءِ **خواجه مردوُد** آيو، پر ديوار جي اوٽ ۾ لڪندو ڀڄي ويو. جي ائين نه ڪري ها ته مڪڙي ئي تيرسان ختم ٿي وڃي ها.

”لڙائي بلڪل سخت لڳي. دشمن جا سپاهي گهڻا هئا. رت جون نديون وهڻ لڳيون. سڪن گهڻي بهادري ڏيکاري. پر ڇاليهن سڪن جي بهادري ڪيترو وقت هلي سگهندي! هو ڏاڍن سندن سامهون بي انداز لشڪر هو. خير، وري جڏهن سورج غائب ٿيو ۽ اونداهه ٿي، تڏهن منهنجي ڪرتار مونکي نڪرڻ جو رستو جاري ڪري ڏنو ۽ مان صحيح سلامت نڪري ويس ۽ منهنجو وار به ونگو ڪونه ٿيو.“

پيارا ٻالڪو! جنگ جو حال ڏٺو ٿو، جو ڳڙهه جي اندر بارود، گولين ۽ تير ويا کٽندا. دشمن به چئني پاسن کان زور لائي ٽڪجي پيا. آخر نهرخان، خواجه خضر،

غيرت خان ۽ ٻيا سورما گڏجي حملو ڪري آيا. اُنهن تيرن ۽ گولين جو وسڪارو لائي ڏنو، پر سندن اثر ذرو به نه ٿيو ڇو جو گڙهه مٿي هو. جڏهن نهرخان اڳتي وڌيو، تڏهن صاحبن نشان ڪري هڪ تير سندس ڇاتيءَ ۾ هنيو، جنهن پورو ڪري ڇڏيس. نهرخان کان پوءِ غيرت خان گهڻيءَ بهادريءَ سان وڙهيو، پر نيٺ هو به مارجي ويو. اُن وقت خواجه مردُود هڪ ٻيٽ جي اوٽ ۾ لڪندو ٻنهنڀڄي جان بچائي ڀڄي ويو. پوءِ ته دشمن جي باقي سٿنا ۾ اچي ڏاڪوڙو پيو ۽ اُها به ڀڄي ويئي. ماٺـي ڪنهن به وڏي سردار کي وڏي اچي مقابلي ڪرڻ جي جرئت ڪا نه ٿي.

هن وقت تائين سڪ اڌ جيترا شهيد ٿي چڪا هئا. ترڪن ۽ ٻهاڙي راجائن جي لشڪر کي ڪا ساهت نه آئي. حملن پٺيان حملا ڪندا رهيا. پر اُهي به تيرن ۽ گولين جو شڪار ٿي ويا. ستگورن جا مها جوڌا ۽ راٺوڙ سنگهه، جي شهيد ٿي چڪا هئا، سي فقط اُهي هئا جن دروازو کولي ٻاهر وڃي دشمن سان منهن مقابلو ڪيو هو.

ماٺي خزانسنگهه، دانسنگهه ۽ ڏيانسنگهه ٽيئي سورما گڙهه کان ٻاهر وڙهڻ لاءِ نڪتا. سندن هٿن ۾ نيزا هئا. اُنهن ڏُونڌ ۽ اڙائيءَ ۾ اُها سورمتا ڏيکاري جو دشمن کي حيراني وٺي ويئي، پر نيٺ اُهي به شهيد ٿي ويا.

## پائي محڪم سنگهه جي سورمتا ۽ شهيدي.

تنهنڪانپوءِ پائي محڪم سنگهه ٻاهر آيو. هن وڏي واڪي اچي هڪاريو تہ ”جي بهادر آهيو تہ هڪ هڪ ٿي اچو، تہ هنن جي صفائي ڏيکاريون.“ اهو ٻڌي هڪ مغل نڪري نروار ٿيو. گهڻي وقت تائين هي ٻئي جوڌا وڙهندا رهيا، پر آخر محڪم سنگهه جي ڪرپان هٿي کيس پورو ڪري ڇڏيو. پوءِ ٻيو سورمو ٿي آيو، تنهنکي محڪم سنگهه بہ ٽڪر ڪري ٿي ڇڏيو. هنجي پلٽيبازي اهڙي تہ عمدي هئي، جو دشمن بہ کيس ساراهڻ لڳا. آخر خارن وچان ڪئين جوڌا کيس ويڙهي ويا. محڪم سنگهه اڪيلي سر اُنهن سڀني کي ڀورو ڪيو. خواجه مردود، هڪ جٽ هٿان پنهنجو لشڪر ايئن ناس ٿيندو ڏسي، شڪي ۾ پئجي مٿس تيرن ۽ گولين هلائڻ جو حڪم ڪيو! بهادر محڪم سنگهه تڏهن بہ همت نہ هاري ۽ خوب وڙهندو رهيو. آخر سخت ڦٽجي پيو ۽ شهيد ٿي پنهنجو جنم سڦلو ڪيائين.

## دشمن جو حملو.

محڪم سنگهه کي هيٺ ڪرندو ڏسي ترڪن جي هڪ ٽولي دروازي تي ڏوڪي آئي. هتان سکن بہ تيرن جو اهڙو تہ وسڪارو لائي ڏنو، جو ڪيترا مغل مارجي ويا ۽ باقي بچيل پٺتي هٽي ويا. هينئر دروازو وري

ڪاهيو، صاحب سنگهه ۽ همت سنگهه ٻئي پهلوان هيٺ ميدان ۾ نڪري نروار ٿيا ۽ دروازي جهڙي وڏي ٻانهن وارن دشمن جي ٽولي تي ٻاز وانگر وڃي ڪڙڪيا ۽ انهنکي ترارين سان هڻي ڀورو ڀورو ڪري ڇڏيائون. ڪجهه وقت تہ دروازي اڳيان ميدان صاف ٿيو پيو هو، پر وري ترڪن جي هڪ ٻي ٽولي تيرن ۽ بندوقن سان ڪاهيندي آئي. تڏهن بہ هي ٻئي جوڌا اهڙي جوش ۽ هوش سان لڙيا، جو انهن مان ڪئين ماري ڇڏيائون ۽ نيٺ پاڻ بہ شهيد ٿيا.

تنهنکانپوءِ پنج سنگهه ايسر سنگهه، ديوا سنگهه ۽ ٻيا ٻاهر نڪتا. هنن بہ اهڙا جنگ جوٽيا، جو دشمن جو عقل چرخ ٿي ويو. پر پنجن جڻن جو ايڏي وڏي فوج سان مقابلو ڪيتري وقت تائين هلي ٿي سگهيو! انهن بہ سوين دشمن ماريا ۽ آخر پاڻ بہ ڦٽجي شهيد ٿي ويا.

## صاحبن کي ٻاهر نڪرڻ لاءِ وينتي.

پوءِ ڀائي ديا سنگهه آدڪ پيارن سنگهن، صاحبن کي وينتي ڪئي تہ "هي سچا پاتشاه! هاڻي جنگ بند ڪريو ۽ اوهين صاحب هتان نڪري وڃو. اوهانجو سر سلامت آهي تہ سڀ ڪجهه ٿي پوندو." اهو ٻڌي صاحبن مشڪيو ۽ فرمايو، "ڀائي ديا سنگهه جي! ڏس تہ ميدان ۾ ڪيترا ماس کائيندڙ پکي اچي متڙيا آهن." ايترو ٻڌي سڀ سنگهه ماٺ ۾ رهيا. گورو صاحبن وري فرمايو تہ

”اوهانکي اوت سچ جي آهي. سچ تي اوهين اسٿر رهجو. هي منهنجا پيارا سکو! اوهين ڪوڙ کان سديو باز رهجو. هو سامهون ترڪ ۽ پٺاڻ، جي ڌرم ۽ ڪرم هيڻا آهن، تن تي متان ڪڏهن اعتبار ڪريو. منهنجي ٻنهي کي جڳائي تہ سديو واهگوروءَ جي اوٽ وٺي ۽ پنهنجي همت تي ٻاڙي. اڪال پورکہ جي اوٽ، گوروءَ جي اوٽ، سچ جي اوٽ ۽ پنهنجي همت جي اوٽ، اهي چار اوٽون خالصي لاءِ آهن.“

هيٺئر ميهر سنگهہ، ڪيرت سنگهہ، آنند سنگهہ، لعل سنگهہ، قيصر سنگهہ ۽ آبولڪ سنگهہ دروازو کولي ٻاهر آيا. هيءُ اهو وقت هو، جنهن وقت نورخان، غيرت خان، گلشيرخان ۽ خواجہ مردود ٻاڻ ڪاهي آيا هئا، تنهنڪري بهادرن سنگهن کي گهري ڪٽڪ سان منهن ڏيڻو پيو. نتيجو ڪهڙو ٿيو، سو گورو صاحبن جي ظفرنامي مان هن کان اڳي ڏيئي چڪا آهيون.

## بابا اجيت سنگهہ جي شهيدي.

هوءَ ساهي ٺڙڻ جو ٿورو وقت مليو. تنهن وچ ۾ جيڪي سنگهہ بچيا هئا، تن ٻاٽم فيصلو ڪيو تہ گڏ جي ملي صاحبن کي وينتي ڪجي تہ اوهين مهرباني ڪري متان نڪرتي وڃو. اسين اوهانجي هربت ٻاٽيهن دشمن کي منهن ڏيندا سون، جي شهيد ٿياسين تہ پاڻ اسانجي

لاءِ فخر جي ڳالهه ٿيندي. جيتوڻيڪ ستگورو اسانجي
ميخندا ڪين، جيو جو مو سچا سورما ۽ پورن گورو
آهن ۽ هو اسان سان گڏ توڙ سوڌو وڙهندا ۽ شهيدي به
ڪان نه هٽندا، ته به اسانجو ڌرم آهي ته ڪين بچايون.
جي هو سلامت هوندا ته آدرش سلامت هوندو. اسانجي
مٽي ڪو ڌڪر ڪونه پوندو. هو اسان جهڙا انيڪ سنگهه
پيدا ڪري سگهندا، پر اسان ڪي سندن مٽ ڪٿان
ملندو؟ اِها ڳالهه سوچي جيئن ستگورن وٽ ويا ته چيا
ڏسن ته وڏو صاحبزادو بابا اجيت سنگهه مٽ جوڙي ستگورن
اڳيان ڪڙو ٿيو بيٺو آهي ۽ پيو نيزاري ڪري ته موڪل
ڏيو ته مان به پين سڪ ڀائرن وانگر ميدان ۾ وڃي ظالمن
جي سامهون ٿيان ۽ سچ تان قربان ٿيان. سچي پاتشاهه
مشڪي ڪيس چيو ته ”سورما، تون وڃ ۽ وڃي ظالمن
جا مٿا ڦوڙ. “ اهو پڌي بهادر سڪ، جي اچا بڪ، اُچ
۽ ٽڪ جي ڪري ڍلا نه ٿيا هئا ۽ گورو صاحبن سان
پانهون پيلي ٿيا بيٺا هئا، تنهنجا مٿون لهي ويا ۽ هٿ جوڙي
وينتي ڪيائون، ”سچا پاتشاهه! اوهين ۽ صاحبزادا
جيئن وڻيو تيئن هتان صاحيح سلامت نڪري وڃو ۽ اسانکي
ڇڏيو ته اڙي شهيد ٿيون. اوهين ۽ صاحبزادا سلامت هوندا
ته سڀ ڪجهه آهي. اسانجي وينتي آهي تہ اوهين
صاحبزادي کي جنگ جي ميدان ۾ وڃڻ جي موڪل نه

ڏيو ۽ ھنھنجي نڪري وڃڻ جو ڪو ٻلو ڪريو."
گورو صاحبن فرمايو، "پيارا! اوھين سڀيئي منھنجا پٽ آھيو. اوھين منھنجو اونو ڪونہ ڪريو. منھنجو اونو سڄي آڪال پورکہ کي آھي. ھينئر ڳڻتين ڪائڻ جو سمو نہ آھي. ڏسو، ترڪن جي سڄنا وري حملي ڪرڻ جي تياري ڪري رھي آھي. اسانکي حملي کي روڪڻو آھي ۽ وقت وڃائڻو ڪونھي." اھو ٻڌي سترھن ارڙھن ورھين جو نوجوان سورمو بابا اجيت سنگھہ اڳتي وڌيو ۽ صاحبن کي ٽي دفعا پرڪرما ڏيئي متو ٽيڪيائين. صاحبن سندس ٻڌي ٽيڙي کيس روانو ڪيو.

ھينئر عالم سنگھہ سيما پتي، جواھرسنگھہ مھا جوڌو، ڏيانسنگھہ جوڳيراج، سکا سنگھہ خاص بندوقچي ۽ بيرسنگھہ رطبير صاحبن کان موڪلائي صاحبزادي سان گڏ جنگ جوڙڻ لاءِ ٻاھر نڪتا.

بابا اجيت سنگھہ ۽ اُنھن پنجن سنگھن دشمن سان چڱي چڪري ڪاڏي. اُنھن جھڙن ئي جھٽن جو ڪوبہ نشان نہ ڇڏيو. سوين ترڪ قتل ڪيائون، پر دشمن جي بي انداز فوج وڌندي پوندي آئي. ھنھنجا ساٿي مرندا ڏسي اُدي ڏو ڪيندا آيا. بابا اجيت سنگھہ جا تير سڀ خلاص ٿي ويا، پر اڪ جنب ۾ ھن ھنھنجو ڀالو ٻاھر ڪڍي ڪيترن ترڪن کي پورو ڪيو. ھنن پنجن

سورمن به ڏاڍي بهادري ڏيکاري ۽ هڪ هڪ جٽي ڪيترائي مغل ماريا. نيٺ ٻئي سورما زخمي ٿيا، ته به جوش ۽ پنهنجي ويرس جي اُتساهه وچون لڙندا رهيا. صاحبزادي اجيت سنگهه جو ڀالو هڪ پٺاڻ جي زره ۾ وڃي اٽڪيو. دشمن ته ڦٽي پيو، پر ڀالو ٻاهر نڪتوئي ڪين. جيئن زور سان ڇڪي ٻاهر ٿي ڪڍيائين تيئن اڌ مان ڀڄي پيو. پوءِ ته ميان مان ترار ٻاهر ڪڍي، اهڙي ته لڙائي ڪيائين، جو دشمن به ”شاباس! شاباس!“ ڪرڻ لڳا. گورو صاحب پنهنجي سورمي پٽ کي اهڙيءَ بهادريءَ سان وڙهندو ڏسي مٿان منڌاري تان ”آفرين! آفرين!“ هڪاري. آخر زخم کائي کائي ٻنهي ڄڻي جوڌا سنگهه شهيد ٿي ويا ۽ فقط صاحبزادو اجيت سنگهه اڪيلو جنگ جي ميدان ۾ وڙهندو رهيو. هو ٻالڪي اڪيلو ڏسي مايوس ته ڪونه ٿيو، اُلٽو جوش ۾ ڀرجي وڌيڪ زور شور سان وڙهڻ لڳو. هڪ سردار انورخان کي ٻالڪيءَ ۾ ويڙهل ڏسي اُنڌي وڌيو. سردار هڪ ٻاسي ٻڌي هئي پنهنجن ماڻهن کي حڪم ڏنو ته صاحبزادو مٿس ڪاهي ويو ۽ ڪتاريءَ سان کيس ماري ڇڏيائين. پوءِ ڪتاري ڪڍي جيئن ڦڙتائيءَ سان ٿي موٽيو، تيئن ترڪن جي هڪ ٽولي کيس گهيرو ڪري ويئي.

سگهورو مٿي منڌاري تان پنهنجي پياري پٽ جي

سو رهيا ڏسي بلڪل پرسن ٿيا. پنهنجن اکين اڳيان پنهنجي پياري نؤجوان پٽ جي سرير کي گهايل ڏسي، ذرو به سنڪوچ نه ڪيائون ۽ نڪي آنديءَ جي جر ۽ موهه سببان مايوس ٿي ويا؛ اُلٽندو پنهنجي پياري پٽ کي "خالص آدرش" پاليندو ڏسي ۽ کيس ڌرم يڌ ۾ شهيد ٿيندو ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا.

صاحبزادي اجيت سنگهه جي شهيديءَ جو سوز ڀريو احوال مرزا محمد عبدالغنيءَ اُردو زبان ۾ "جوهر تيغ" نالي پستڪ ۾ ڏنو آهي، جو ٻالڪن جي لاءِ هتي ڏجيٿو.

## (بابا اجيت سنگهه جي وينتي.)

جب ساٿيون ميں رهه گئي، دو چار آدمي
هر دم رفيق مونس و، غمخوار آدمي
پر جوش فن جنگ ميں، هوشيار آدمي
دام اجل ميں سخت، گرفتار آدمي
بولا بڙا پسر ڪ پتا، ميري عرض هئي
مجهه پر ڌرم ڪي لاج پي، جان ديني فرض هئي.

**ارٿ:-** جڏهن ساٿين مان ٿورا آدمي وڃي رهيا، جي پاڻ جان جگر هئا ۽ جنگ جي هنر ۾ ڏاڍا هوشيار هئا، پر هينئر موت جي ڄَنبي ۾ گرفتار هئا، تڏهن وڏي پٽ

بابا اجيت سنگهه پتا کي عرض ڪيو تہ "سچا پاتشاهہ! منهنجو فرض آهي تہ ڌرم لاءِ پنهنجي جان قربان ڪريان."

مجھکو يہي ديجيئي حڪم ڪہ، جوهر دکھائون مئن
جا ڪي بلا سي جان پي، واپس نا آئون مئن
جوش سي ميدان مين، قدم بڑھائون مئن
پونچال ڪي طرح سي، جهان ڪو هلائون مئن
مئن نام ڪا اجيت هون، جيتا نا جائونگا
جيتا تو خير هارڪي، جيتا نا آئونگا.

**ارٿ:**- هي سچا پاتشاهہ! مونکي حڪم ڏيو تہ مان بہ پنهنجو جوهر ڏيکاريان، ۽ رڻ ڀوميءَ ۾ وڃي سوڀ ڪرڻ کان سواءِ جيئرو موٽي نہ اچان. جنگ جي ميدان ۾ جوش سان قدم وڌائيندو هلان، ڌرتيءَ جي زلزلي وانگي جهان کي لوڏي ڏيان. (مطلب تہ پنهنجي سورمتا سان جهان ۾ ڌاڪو وجهان). منهنجو نالو اجيت آهي، سو مان جيتاجي نہ ويندس. جي جيتاجي ويس تہ فڪر ڪونهي، مگر هارائي جيئرو موٽي نہ ايندس.

**(سنگورن جو جواب.)**

سنگورو ني بيٹي ڪي، يہ عرض يون ڪہا
اي ميري لعل مئن، نهين تم ڪو روڪتا

گر تم کو هيءِ قوم سين، يه جوش آگيا
مٿن تم سين خوش هوُن خوش رهي، تم سين سدا خدا
لڙني کا حکم دي ديٺا، بيٽي کو باپ ني
يه بات غور کي ٿي، سني خوب آپ ني.

**ارٿ**:- گورو صاحبن پنهنجي سپٽر جو اهو عرض
ٻڌي هن طرح فرمايو: ”هي منهنجا لعل! مان ته توکي
ڪونه ٿو روڪيان. جيڪڏهن توکي قوم جي پيار وچان
جوش آيو آهي ته مان توتي بلڪل راضي آهيان، شل
پرماتما به سدئيو توتي برسن رهي!“ پتا پنهنجي پٽ کي
لڙڻ لاءِ حڪم ڏنو، اِها ڳالهه جا اوهان خوب ٻڌي،
سا ويچار جي آهي. (مطلب ته ڪنڙو پتا جيڪر پنهنجي
پٽ کي جوءِ ته وڃي قوم جي لاءِ تـون پنهنجو سر
قربان ڪر! اهو سري گورو گوبند سنگهه صاحب ئي هو،
جنهن ائين ڪيو.)

(بابا اجيت سنگهه جي سورمتا.)

وه خرد سال سامني، دشمن کي جا اڙا
ڇوٽا ٿا گرچ عمر مين، ٿا حوصلا بڙا
دو چار سؤ اسني قتل کيئي، خوب سا لڙا
زخمون پي زخم کاتا رها، اور رها کڙا

لڙڪي ني لڙڪي جان ڏي، آخر ڪي جنگه مين
آيا ٽا حوصلي سين، ڌرم ڪي اُمنگه مين.

**ارٿ**:- هو ننڍو نينگر دشمن جي سامهون ٽيو. عمر جو ننڍو هو، باقي جگر جو وڏو هو. ڪيترائي دشمن جي طرف جا آدمي ماريائين. زخمن هڏيان زخم سهندو ۽ بانڪو ٽي بيٺو رهيو. نينگر ڌرم جي اُمنگ ۾ همت جهڙي حوصلي سان آيو ۽ جنگ ۾ وڙهندي وڙهندي پنهنجي جان ڏنائين.

## ( اڪال پورک جي شڪر گذاري. )

بيٽي ڪي قتل هوني ڪي، پهنچي جُون خبر
جانا يي باپ ني ڪ، هوئا قتل وه پسر
شڪر اڪال پورک ڪيا، جهٽ اُٺاڪي سر
اور عرض ڪي ڪ بندي پي، ڪرپا ڪي ڪر نظر
مجهه پر سي آج تيري، امانت ادا هوئي
بيٽي ڪي جان ڌرم ڪي، خاطر فدا هوئي.

**ارٿ**:- جڏهن صاحبن کي سپٽر جي شهيد ٿيڻ جي خبر پهتي، تڏهن جهٽ مٿون مٿي ڪٽي اڪال پورک جو احسان مڃيائون ۽ اهو وينتي ڪيائون ته ”نماڻن جا ماڻا! بندي تسي سديو مهر جي نظر ڪندو رهجه.

هي واهگورو! اڄ مون تنهنجي امانت توکي موٽائي ڏني، جو منهنجي ٻچي پنهنجي جان ڌرم جي صدقي قربان ڪئي."

## بابا جهونجهار سنگهه جي شهيدي.

بابا اجيت سنگهه جي شهيديءَ کان پوءِ ننڍو صاحبزادو بابا جهونجهار سنگهه، جنهنجي عمر اٽڪل پندرهن (١٥) ورهيه هئي، سو ستگورن کي هٿ جوڙي وينتي ڪرڻ لڳو ته "مونکي به آگيا ڏيو ته مان به پنهنجي ڀاءُ وانگر وڃي ڌرم خاطر يد ڪريان ۽ سر صدقي ڪريان. جيتوڻيڪ عمر جو ننڍو هو، پر ننڍي هوندي کان ئي ولي تيراندازي ۽ پلتيبازي ۾ پڙهو هن امرت ڇڪيو هو ۽ سندس رڳ رڳ ۾ "خالصه آدرش" سمايل هو. صاحبزادو ستگورن کي ٽي ڦيرا پرڪرما ڏيئي ٻاهر نڪتو. هنسان گڏ پنجهه پيا به بهادر سنگهه لڙائي لاءِ نڪتا. بابا جهونجهار سنگهه جي شهيديءَ جو بيان پڻ مرزا محمد عبدالغنيءَ باڪل سندر نموني ۾ "جوهر تيغ" ۾ ڏنو آهي، جو هتي ڏجي ٿو.

### (بابا جهونجهار سنگهه جي وينتي.)

جس وقت چوٿي پائي ني، ديکا يي حال زار
پائي بڙا شهيد هوئا، رڻ مين ايڪ بار

صبر و قرار هوش و خرد، سب هوئي فرار
ڀائي ڪي آنچ ني ڪيئا، ڀائي ڪو بيقرار
نني سي هات جوڙڪي، ڪي عرض باپ سين
ڇوٽي سي عرض ڪرتا هون، مئن آج آپ سين.

**ارٿ:**- جنهن وقت ننڍي ڀاءُ ڏٺو ته منهنجو وڏو ڀاءُ جنگ جي ميدان ۾ شهيد ٿي چڪو آهي، تنهن وقت صبر، سانت، هوش گوش سڀ ڇڏائي ويس ۽ جو جو وڏي ڀاءُ جي جدائيءَ ڏاڍو کيس وياڪل ڪيو. سو ٻيئي وٽ وڃي هٿ جوڙي عرض ڪرڻ لڳو ته ”مان اڄ هڪ ننڍي وينتي اوهانکي ڪريان ٿو.“

ڀائي ڪي قتل هوني سين، مئن بيقرار هون
ڀائي ڪي زخم کائي سين، مئن دلفگار هون
تي وه اجيت سنگهه مئن، هري جهونجهار هون
کيون ڪر نا اپني ڀائي مئن، جا ڪر نثار هون؟
اک ڀائي جام مرگ پيئي، اک بقا رهي
ڀائي بغير ڀائي رهي، يي تو ڪيا رهي.

**ارٿ:**- بنهنجي ڀاءُ جي قتل ٿيڻ ڪري مان بيقرار آهيان. هنجي زخمن کائڻ ڪري منهنجي دل ڦٽجي پيئي آهي. جي هو اجيت سنگهه هو ته مان ۾

ڇھوڙنجھا ر آھيان. جو نہ ھنن‌جي پاڻ مٿان جان قربان ڪريان. ھڪ پاڻ مؤت جرھيالو ھيٺي ۽ ھو جيئرو رھي! پاڻ ڪانسواءِ پاڻ جيئرو رھي ڇا ڪندو؟

مٿن چاھتا ھون مجھي يي دين، حڪم جنگہ آپ
ميدان مين ديکيٿي تو ميري، يي اُمنگہ آپ
چل ڪر ملاحظ تو ڪرين يي، رنگہ ڍنگہ آپ
مجھہ مين يي پائو تيغ، بھادر ڪي رنگہ آپ
خنجر تا گر اَجيت، ڇري ھيءَ ڇھونجھار يي
خنجر سي ڪاٽ مين نھين، ڪچھ ڪم ڪتار يي.

**ارٿ:-** منھنجي چاھنا آھي تہ ھونئڪي بہ اوھين جنگہ ۾ لڙڻ جو حڪم ڏيو ۽ جنگہ جي ميدان ۾ اوھين منھنجو اُمنگہ ڏسجو ۽ منھنجي وڙھڻ جو رنگہ ڏسجو. مون ۾ ساڳيو تيغ بھادر وارو جوش جاڳايو. جيڪڏھن اَجيت خنجر ھو تہ مان بہ ڇري آھيان، ۽ مارڻ ۾ ڪٽاري خنجر کان ڪنھن بہ طرح گھٽ نہ آھي.

**( سنگورن جو جواب. )**

ھس ڪر گورو جي ڪھني لکي، ڪتا مزائقہ
بچي ھوگو نھين ھو جوان، ڪتا مزائقہ
تم سي نھين ھيءَ تاب و توان، ڪتا مزائقہ

ڌي ڌو ڏرم ڪي لاج پيءِ جان، ڪٽا مزائقہ
شيرون ڪي شير لڙني ميں، جب جان کوتي هئن
لڙني مين جان کوتي هئن، جب شير هوتي هئن.

**ارٿ:-** گورو صاحب چئي ٿو "پٽ! تون جيتوڻيڪ اڃان جوان نہ ٿيو آهين ۽ ننڍي هئڻ سبب توکي اڃان وڙهڻ لاءِ پوري سگهہ بہ نہ آهي تہ بہ وڃ ۽ وڃي ڌرم جي رکيا لاءِ جان قربان ڪر. لڙائي شير مڙس ئي ڪندا آهن ۽ لڙائيءَ ۾ اهي مرندا آهن جي شير هوندا آهن.

اڀ نور ديده راحتي، جان گوشئي جگر
بيٺو ذرا سي دير ميري، پاس آن ڪر
دولها بنائون مئن تمهين، ديکو ذرا اڌر
ڪپڙي پهنائون مئن تمهين، اڀ سورما پسر
اڀ بيٽا آج باپ تيرا، منهن ڌلائيگا
دنيا مين آبرو تيري، اپني بڙهائيگا.

**ارٿ:-** "اي منهنجا نور چشم! منهنجي دل کي راحت ڏيڻ وارا، منهنجا جان جگر! تورو وقت منهنجي پرسان اچي ويهہ تہ اي سورما پٽ، مان توکي ڪپڙا پهرائي گهوٽ بڻايان. اي پٽ، اڄ پتا تنهنجو منهن ڌوئيندو ۽ دنيا ۾ تنهنجي آبرو وڌائيندو."

( ستگورن جو پنهنجن هٿن سان پٽ کي
ناهي نکي جنگ ۾ موڪلڻ . )

يي ڪهڪي ڇوٽي دولها ڪا، منهن ڌلا ديئا
عمدا لباس بيٽي ڪو، اپني پهنا ديئا
ڇوٽا سا ايڪ تيغا، ڪمر مين لگا ديئا
هٿيارون سي سپوُت، سپاهي بنا ديئا
جب سج سجا ديئا تو ڪها، يون جهونجهار سين
اي سنگهه لو شڪار ڪو، نڪلو ڪڇار سين .

**ارٿ :** — ائين چئي ستگورن پنهنجي ننڍي لاڏلي جو منهن ڌئاريو ۽ کيس عمدي پوشاڪ پهرائي . سندس چيلهه ۾ هڪ ترار ٻڌائون ۽ هٿيار پنوهار پهرائي کيس سپاهي بڻايائون . جڏهن سينگاري تيار ڪيائونس تڏهن صاحبن چيو ” اي شيرا ! هاڻي گود مان نڪر ۽ وڃي پنهنجي شڪار کي گولي لهه . “

( بابا جهونجهار سنگهه جو جنگ جي ميدان
۾ وڃڻ ۽ وري اُچ سبب موٽي اچڻ . )

ديکا جو اُس سپوُت ني، ميدان ڪار زار
پهلي يي پولي پالي ني، ديکي نه ٿي پهار
بچا ٿا اُس ني ديکا جو، لشڪر ڪو بيشمار

جهجهڪا ڪچهہ اپني دل مين، وہ نادان جانهار
دلڪو تڙپ بڑهي تو لڪي، پياس زور سين
واقف نہ تا غريب جو، لشڪر ڪي شور سين.

**ارٿ:**- ھنكان اڳپر ھن ٻالي ٻولي جنگ ڪانہ ڏٺي ھئي، سو جڏھن ميدان ۾ ويو، تڏھن ايڏو وڏو لشڪر ڏسي ھو دل ۾ ڪجهہ ڊنو. ڪيس اُڃ اچي ڏاڍي لڳي ۽ سندس دل ڌڪ ڌڪ ڪرڻ لڳي. ھو ويچارو لشڪر جي گوڙ شور مان اصل واقف نہ ھو.

( پتا کي پاڻيءَ لاءِ وينتي. )

آخر لڪ ڪي ڪهني لڪا، اي ميرا پتا
گرمي ڪي ماري خشڪ ھوئا، ھي ميرا گلا
ٿورا سا ديجيئي مجهي، پاني اگر پلا
صدمي سي تشنگي ڪي، بچي جان مبتلا
بچي ڪو پاني مانگتي، پايا جو باپ ني
سوکا سا يهہ جواب ديئا، اُسڪو آپني.

**ارٿ:**- آخر ھمڪي چيائين "اي پتا جي! منھنجو گلو اُساڃ جي ڪري سڪي ويو آھي، سو مونکي ٿورو پاڻي ڏيو تہ مان بہ ٻالڪ اُساڃ کان بچايان." پتا

جڏهن پٽ کي پاڻي گهرندو ڏٺو، تڏهن ڪيس هيءُ رکو جواب ڏنائون.

**(سنگورن جو جواب.)**

بيٺا آجيت پاس هيءَ، پاني تيرا ڏرا
پاني تجهي مليگا وهين، لعل جلد جا
مايوس تشنا لڙڪي ني، جوهر دکا ديٺا
مارا ڪئين کو آپ ڀي، لڙ لڙڪي گر پڙا
جس وقت آب تيغ سي، تر حلق هو گيا
نادان لوهو مين پيگڪي، پياسا هي سو گيا.

**ارٿ:-** اي پٽ! تنهنجي لاءِ پاڻي آجيت وٽ رکيو آهي. توکي اُتي پاڻي ملندو، سو جلد وڃ. اهو جواب ٻڌي مايوس ٿي وڃي جنگ ۾ لڙيو ۽ ڪيترن کي ماري ڇڏيائين. آخر ۾ وڙهي وڙهي پاڻ به ڪري پيو. جنهن وقت تلوار سان هن جو گلو آلو ٿيو، تنهن وقت هو رت ۾ پاڻي اُجايل ئي سمجهي پيو.

**(شاعر جو سکن کي اُپديش.)**

اي قوم سنگهه ڌيان ڪرو، اِس بيان پر
ڪئسي جگر شگاف هيءَ، ديکو تو يي خبر
اسڪي نتيجي پر ڀي، هيءَ ڪڇه تمهين نظر

يعني گورو مين قوم کي، اُلفت تي کس قدر
بچپن مين اپني باپ کو، تم پر فدا کيتا
بڑھپن مين اپني بيٹون سي، يون حق ادا کيتا.

**ارٿ**:- اي سکو! ھن بيان تي ڌيان ڪري ڏسو تہ ڪھڙو نہ دل ڏاريندڙ احوال آھي. ڪجھہ اُنجي نتيجي تي بہ نظر ڪريو تہ گورو صاحبن ۾ ڪيتري قدر قوم لاءِ حب ھئي. ننڍپڻ ۾ پنھنجو پتا اوھان مٿان قربان ڪيائين ۽ وڏي ھوندي پنھنجا پٽ اوھان جي لاءِ صدقي ڪيائين !!

بيٹي سي باپ کو نهين، کوئي زياده چيز
بيٹا هيُ اپني باپ کي، آکي بڑا عزيز
اپني دلون پي هات رکو، گر هيُ کچھ تميز
اس لعل کي مقابلي مين، لعل هيُ پشخيز
بيٹي کي آکي دولت و زر، کيچھ بات هيُ
بيٹي کي دم سي باپ کي، گويا حيات هيُ.

**ارٿ**:- پيءُ کي پٽ کان وڌيڪ ڪائي چيز ڪانھي. پٽ پتا کي وڏو عزيز آھي. جيڪڏھن ڪجھہ سمجھہ اٿو تہ پنھنجن دلين تي ھٿ رکي ڏسو تہ پنھنجي پياري لاڏلي جي پيٽ ۾ ڪہ لعل (جواھر، ھيرو) خسيس

چيز آهي ۽ زر زيور ڪجهه نه آهي. پٽ جي حياتي گويا پيءُ جي حياتي آهي.

بابا جهونجهار سنگهه جي شهيد ٿيڻ کان پوءِ جيڪي سک بچيا، تن پاڻ ۾ صلاح ڪري گورو صاحبن کي هٿ جوڙي وينتي ڪئي ته ”سچا پاتشاهه! اسين حڪم جا ٻڌا آهيون. جيئن آگيا ڪندا تيئن اسين ڪندا سون. مگر اسانجو هڪ عرض آهي ته اوهين هن وقت ديا پالي هتان نڪري وڃو. آسا آهي ته اوهين اسانجي اها نماڻي وينتي ضرور اونائيندا. اوهين پٽ جو ڪو خيال نه ڪريو. جيستائين بدن ۾ ساهه آهي، تيستائين قلعي جي سنڀال ڪندا ايندا سون ۽ دشمن سان چڪريون کائيندا سون.“

پنهنجن سکن جا پريم ڀريا وچن ٻڌي صاحبن سندن وينتي اگهائي. فقط پنج سک بچيا هئا. ڀائي ديا سنگهه، ڀائي ڌرم سنگهه، ڀائي مانسنگهه، ڀائي سنگت سنگهه ۽ ڀائي سنت سنگهه، جن سيني کي وڏاري صاحبن گوريائي بخشي ۽ فرمايائون ته ”جتي پنج سک آهن، اتي اسين آهيون. پنجن جو مٿو سو گورو جو مٿو ٿيندو.“ اُن وقت پنهنجي مکارٻند مان هي وچن ڪڍيائون.

"پنجهہ ميں نت ورتت مڏن هوُن
پنج ملهہ سي پيرن پير."

يعني "پنجون سکن ۾ منهنجو نواس آهي ۽ پنج سکر پيرن جا پير آهن. پنج اهي آهن جي خالصا آهن ۽ خالصا اهي آهن جن ۾ نام ورتڻجي رهيو آهي ۽ جن جي رهت سچي جي آهي." ائين چئي صاحبن ٽي دفعا کين برڪرما ڏيئي پنهنجا شستر ۽ ڪلنگي انهن اڳيان رکي وڏي آوازسان چيو "سري واهگورو جي ڪا خالصہ، سري واهگورو جي ڪي فتحہ."

ڀائي سنت سنگهہ ۽ ڀائي سنگت سنگهہ ڳڙهہ ۾ رهڻ جو خيال ڪيو. باقي ٽن ڄڻن ڀائي ديا سنگهہ، ڀائي ڌرم سنگهہ ۽ ڀائي مانسنگهہ صاحبن سان گڏ جي ڳڙهہ کان ٻاهر نڪرڻ جو ارادو ڪيو. صاحبن پنهنجي ڪلنگي ڀائي سنت سنگهہ کي پاتي ۽ پنهنجي زرهہ بہ کيس ڏکايائون. رات جي وڳڙي ۾ گورو صاحب ڳڙهہ کان ٻاهر نڪتا. پنهنجن ٽن ساٿين کي فرمايائون تہ جيڪڏهن اسين قسمت سانگي هڪ ٻئي کان جدا ٿيون تہ پوءِ فلاڻي تاري جو طرف وٺندا اچجو تہ نيٺ اچي پاڻ ۾ گڏ ٿيون. صاحبن پوءِ چيو تہ دشمن کي جاڳائي پوءِ هلنداسون، متان ائين سمجهن تہ اسين لڪ چوري

ڀڄي ويا سين. صاحبن تنهنڪري زور سان هڪاريو
”هندن جو هير ڀڄي ٿو وڃي، ونڊو هڄيو ۽ ولوس.“
اهو ٻڌي ستل لشڪر ۾ اچي رولو ٿيو. صاحبن تير
جوڙي ڏيائين کي ڪيرائي وڌو. ٻوءِ تيرن سان ڪيترن
ماڻهن کي ٻورو ڪري نڪري ويا. دشمن جي لشڪر
۾ ڏاڍو اچي ماندائو متو. اوندھ ۾ هڪ ٻئي کي نه
سڃاڻي پاڻ ۾ ئي لڙڻ لڳا. تيئي سڪر صاحبن سان گڏ
هلندا هليا، ۽ اتفاق سان وات تي جدا ٿي ويا. صاحب
ٻيرين اُگهاڙا جهنگ جهر جاڳيندا نيٺ اچي ماڇيوالي
وارو ٻيلو، جو روپڙ ۽ لڌياڻي جي وچ آهي، تنهن ۾
هڪ ڍنڍ جي ڪناري تي ويٺا. تيئي سڪر پڻ تاري
جو طرف ولندا نيٺ اچي ساڻن گڏيا.

## بابا زورآور سنگھ ۽ بابا فتح سنگھ جي شهيد ٿيڻ جو ورتانت.

جڏهن گورو صاحب آنندپور ڇڏي ويا، تڏهن
ماتا گوجري پنهنجن ٻن ننڍن پوٽن بابا زورآور سنگھ ۽
بابا فتح سنگھ کي ساڻ وٺي رواني ٿي ۽ جلدئي جنگ
جي ميدان کان گهڻو پري نڪري ويئي. ساڻس هڪ
نوڪر ۽ خچر کان سواءِ ٻيو ڪجھ ڪين هو. خچر
تي خرزين رکيل هئي، جنهن ۾ قيمتي ۽ گهري ملھ وارو

سامان پيل هو. آها! جڳت جي رکيڪ گورو گوبند سنگهه
جي ماتا رات جي سمي، ۽ جنهن وقت ولهه ٿي وسي،
ٻنهنجن ٻن پوٽن کي ساڻ ڪري هڪ پيانڪ جهنگل
جها ڳيندي آجهي لاءِ واجهائيندي رهي! اُنوقت سندن
گهر جو جهونو رسويو گنگو برهمڻ ۽ اچي کين مليو؛
هٿ جوڙي چوڻ لڳو "ماتا جي! اوهين ڪا به چنتا نہ
ڪريو. مان اوهانجو ٻڌو ٻانهو آهيان. داس جو ڳوٺ
۽ بلڪل ويجهڙو آهي. اوهين هلي آنند سان اُتي رهو.
اوهانجو وار ۽ ونگو نہ ٿيندو." اهڙي آپدا ڪال ۾ هي
سٺائو وچهه ڏسي ماتا گوجري گنگو برهمڻ سان سندس
ڳوٺ ڏانهن رواني ٿي. سڄو اُپرئي ڪان اڳ هو اچي
کيريءِ نالي هڪ ڳوٺ ۾ گنگو برهمڻ جي گهر لٿا. ماتا
گوجري گهر جي اندرين ڪوٺيءِ ۾ ٻالڪن کي وٺي
ويٺي؛ اُتي پٽ تي پيل هڪ تڏي تي کين ڪٽي
سمهاريائين. جي ٻالڪ ڦلن جي سيجا تي سمهڻ وارا؛
ٻخمل جي گادين تي ليٽڻ وارا، تنکي اڄ هيٺ تڏي
تي سمهيل ڏسي ماتا جي اکين مان ڳوڙها ڳري پيا.
پر وري ۽ ايشور جي پاڻي تي شڪر ڪيائين. ٻالڪن
کي سيڙهي هنڄ ۾ ڪيائين، جتي ٻنهي کي ننڊ اچي
ويئي. گهڙيءِ گهڙيءِ پوءِ وچون پاڪر ٻئي پاڙائين.
اوڏي مهل ماتا جي اکين مان ڳوڙها وهي آيا، جي

وڃي بابا فتح سنگهہ جي ڪومل گلابي گل تي پيا ۽
ٻه جاڳي پيو. بابا زوراور سنگهہ به سجاڳ ٿيو. ماتا کي
روئندو ڏسي هئي پيار مان ڪيس پاڪر پائي چوڻ لڳا
"امي، تون ڇو ايترو اداس ٿي آهين؟ جڏهن اسين
تنهنجي پاسي ۾ آهيون، تڏهن وري ڊپ ڇا جو؟
اڪال پورکہ اسان سان انگ سنگ سهاءِ آهي." اهو جواب
ٻڌي ۽ پنهنجن پوٽن ۾ پيءُ ڏاڏي وارو جوهر ڏسي ماتا
بلڪل خوش ٿي ۽ کين ڇاتيءَ سان لڳايائين. ماتا ڪجهه
وقت اکيون بند ڪيون، پر وري جهٽ کولي اڪال
پورکہ کي پنهنجو آسرو ڄاڻي اٿي کڙي ٿي. پوءِ پاڻي
گهرائي پنهنجي ٻالڪن کي اشنان ڪرائي نوان ڪپڙا
پهرايائين. تنهن کان پوءِ پاڻ به اشنان ڪري پنهنجي پوٽن
جي واتان ويهي منهي سر ۾ سري جپ صاحب جو
پاٺ پڙهائين.

گنگو برهمڻ کي ماتا خرچ پکي لاءِ ڪجهه پئسا
ڏيئي ڇڏيا هئا. پاٺ پوري ٿيڻ بعد ٻالڪن لاءِ رسوئي
تيار ڪرائي کين کائڻ لاءِ چيائين. برهمڻ کائڻ جي
اصل نه ڪئي. چي امي! جيسين تون نه کائيندين،
تيسين اسين پرساد کي هٿ به نه لائينداسون. ماتا کين
گهڻوئي سمجهايو، پر هنن اصل کائڻ جي نه ڪئي.
آخر ماتا سندن دل خوش ڪرڻ لاءِ هڪ اڌ گرهہ کنيون.

ڏياوان ٻالڪن شيوڪ کي ٻہ پرساد ڪارايو. پوءِ ويهي ماتا کي پريائڻ لاءِ ساڻس ڳالهيون ڪرڻ لڳا، پر هوءَ تہ پنهنجن خيالن ۾ ئي مگن هئي. سندس سچو ساهہ پنهنجي پٽ پوٽن ۽ ننهن ۾ ٿي وسيو تہ الائي ڪهڙو حال ٿيو هوندو. اهڙيطرح ٻہ چار ڏينهن گذري ويا.

هڪ ڏينهن نماشام جي وقت ننڍا صاحبزادا ماتا کي چوڻ لڳا ”امي! اسين هن ننڍي سوڙهي ڪوٺيءَ ۾ ويهي ويهي ڪڪ ٿي پيا آهيون. اسان کي هن گهر جي ڪڏ تي ولي هل تہ کليل هوا ۾ ڪاٿون ۽ ملڪ جو پڻ ديدار ڪريون.“ ويچاري چنتا ۾ ٻڏل ماتا کين مٿي ولي ويئي. ڳوٺ جي چوڌاري وڻڪار ڏسي ٻئي ٻالڪ ڏاڍا خوش ٿيا. پريان اُوچا منارا ڏسي ٻابا زوراور سنگهہ ماتا کان پڇڻ لڳو تہ امي! اهي ڇا آهن؟ ماتا جواب ڏنو ”پيارا! اهو سرهند جو شهر آهي.“ پوءِ ٿوريون اوياريون لهواريون ڳالهيون ڪندي ٻابا فتح سنگهہ ٿڌو ساهہ کڻي چيو ”خبر نہ آهي تہ اسانجي ماتا ڪٿي هوندي.“

اِنهن ٻالڪن جي سڳي ماتا **سري جيتو جي** رهي هئي ۽ سندس چالاڻي کان پوءِ سندن ڏاڏي ماتا گوجري کين نپائيندي هئي. ماتا صاحب ديوي اُنهن کي منيون منيون ساکيون، اِتهاسڪ وارتائون ۽ گورواڻي ڏاڍي پريم سان پڙهائيندي هئي. ٻالڪ کين

ماتا ڪري سڏ ڀندا هئا ۽ ڏاڏيءَ کي وڏي ماتا ڪري
ڪوٺيندا هئا.

بابا زوراور سنگهہ جيو ته شل ايشور اسانکي جلد ماتا
صاحبہ ديويءَ سان ملائي. پوءِ ڏاڏيءَ ڏي منهن ڪري
چياءِ ته آهي! ماتا اسانکي ڏاڍيون عمديون عمديون
ڳالهيون ٻڌائيندي هئي. اسانکي سري جپ صاحب ۽
آسا دي وار ڪنٺ ڪرايائين. رات جو سمهڻ وقت
ڪيرتن سوهلا ۽ ارداس سوڏيندا هئاسون. هڪڙي ڏينهن
اسان ڪتهڙي ۾ ماتا جي پرسان ويٺي راند ڪئي ته
هڪ ڪبوتر اساڻجي سامهون پئي ڦيريون پاتيون.
اوچتوئي هڪ ٻلي آئي ۽ جهپ هڻي ڪبوترکي ڪٺي
ويئي. ڪبوتر موت جي منهن ۾ اچي ڦٿڪڻ لڳو ۽
ائين چيڀاڙيلائيندي ٻاران ڇڏيائين. ماتا اسانکي چيو ته
منکي کي به انهيءَ طرح موت جهٽي ويندو آهي. پوءِ
مون پڇيو مانس ته مکر ۽ پکي موت جي اڳيان هڪ
جهڙا آهن ڇا؟ تنهنتي ماتا چيو ته جنهن منکر جو من اپوتر
هوندو آهي ۽ جو ڪرتار کي وساري ڇڏيندو آهي، سو
مرڻ مهل انهيءَ طرح چيڀاڙيلائيندو آهي. پر جيڪو ايشور
سان پريم رکندو آهي ۽ سديو کيس ڌيائيندو آهي، اهو
موت ويلي ورلاپ ڪونہ ڪندو آهي. اُلٽندو هو اُن
وقت آنند ۾ هوندو آهي. ڌرمي پرش لاءِ مرڻ توڙي

جيئڻ هڪ سمان آهن، جيو جو اُنجو من سديو پرميشور
جي پريم ۾ رتو رهي ٿو ۽ هو آنند ۾ گذاري ٿو. اُن
وقت ماتا اسانکي سچي پاتشاهه سري گورو ارجن ديو
جن جي ڪشٽن جي ساکي سڻائي ته ڪيئن تتن توئن
تي ويٺا! مٿان ڪوسي واري پين ته به ٻتيئون ڏندن
مان هاءِ نه ڇيائون!! هڪ فقير اچي افسوس ظاهر ڪيو،
تنهنکي به چيائون ته پرميشور جي ڀاڻي تي اسين راضي
آهيون! پوءِ اسانکي گورو هرڪشن صاحب جن جو
ورتانت پڌايائين ته ڪيئن ڪشٽ سهي پنهنجي ماتا
کي ڌيرج ڏنائون ۽ موت کي پري وسٽو ڪري نه
سمجهيائون. تنهنکان پوءِ اسانکي بابا گورو تيغ بهادر
صاحب جن جو احوال سڻايائين ته ڪيئن دهليءَ وچ
ڌرم ڪاتر سر ڏنائون ۽ سيس ڪٽائيندي به کلمک رهيا.
ماتا اسانکي پڌايو ته اهو پل پرميشور جي پيارن ۾ سپاويڪ
ئي هوندو آهي. پوءِ جڏهن ماتا اسانکي پاڇن ڪرڻ
سيکاريو، تڏهن اسان سمجهو ته درحقيقت موت راحت
آهي ۽ ألائي ڇو تا ماڻهو کانئس ڏڪن.

ڪبير جس مرنئ تي جڳ ڏرئي ميري من آنند
مرني هي تي پائيئي پورن پرمانند.

[(٢٢) ساوڪ]

جڏهن اميءَ (جيتو جي) ديهه تياڳي، تڏهن مونکي

ڌاڍي وياڪلتا ڪٽي ويئي. پر ماڄي مونکي ڪا بہ چنتا ڪانهي.

بابا فتحہ سنگهہ چيو ”ڀائؤ! جڏهن ڪر اسان امرت ڇڪيو آهي، تڏهن ڪر اسين نرڀيہ (بي ڊپا) ٿي پيا آهيون.“

ماتا گوجري هنيئڙو اُنهن خيالن ۾ ٻُڏجي ويئي. گهڙيءَ گهڙيءَ مؤت جو نالو ٻڌي چوڻ لڳي ”منهنجا پيارا! اوهين ڇو ٿا هر گهڙيءَ مؤت جو نالو وٺو. خبر نہ آهي تہ ڇا وهي وابري رهيو آهي.“

بابا زوراور سنگهہ جواب ڏنو ”ماتا جي! تون دلجاءِ ڪر. اسانجو پتا پڪڙجڻ جو نہ آهي، پر جيڪڏهن اسانجي ڪٽمب مان ڪو شهيد ٿي ويو هجي تہ بہ گهڙو ڊپ آهي؟ ڌرم جي صدقي جيڪڏهن ڪنهن سر ڏنو تہ اهو چڱوئي آهي. اسانجي بابا گورو تيغ بهادر ڪين دهليءَ ۾ پنهنجو سر قربان ڪيو هو؟

هنيئڙو سورج لهي ويو ۽ اوندهہ ٿيڻ لڳي. ماتا پوٽن سميت هيٺ لهي آئي. پالڪن رهراس پڙهي ارداس پاتي:-

## چؤپئي

سري گورو نانڪ انگديو، امرداس گور لکو ايو
سري گورو رامداس گور ارجن، هرگوبند گورو درجن مردن
دريراءِ هرڪشن اڪاري، تيغ بهادر گورو هماري
پتا نام ليندا سکدائي، سري گوبند سنگهہ سهائي

دي اڪال همري ارداس، تمري سدا چرن ڪي پاس
سکي صدق ديهہ وردان، ڪيسي سواسي نبڙي جڳان
واهگورو ڪي فتح گجائي، ملي پرسپر دونون ڀائي
ماتا چرنن پر لپٽائي، مات پلوس گود ٻٺائي.
[ شهيد بلاس ڀائي ڏاڪرسنگهہ گيانيءَ جو. ]
[ درجن مردن = دشٽن کي ناس ڪندڙ. ]

ارداس سوڌڻ کان پوءِ شيوڪ، جنهنکي ٻن ڄڻن جو خبر چار لهڻ لاءِ موڪليو ويو هو، سو ٻڙ اچي ويو. هر هو ڪو پورو پتو ڪونہ لهي آيو. اهو افواهہ پڌي آيو تہ گورو صاحب چمڪور ڇڏي ويا آهن.

ماتا ٻالڪن کي ڪجهہ پرساد کارائي سمهاريو. رات جو گنگو رسويو اٿيو ۽ آهستي آهستي ماتا جي خرزين کڻي وڃي ڏرتيءَ ۾ کڏ کٽي پوري ڇڏيائين. اهو احوال ڀائي ڏاڪرسنگهہ گيانيءَ هن طرح ڏنو آهي:-

آڌي رات پٺي ٻن جبڙين، اٿيو دشٽ دوجہ پاپي تبڙين
ڪوني مين اڪ توءِ نڪارا، پاپي پاپ ڪرن من ڌارا
سڀ اسباب مات ڪا جوئي، ليٺو اٺاءِ ترت ٻن سوئي
ناجہ گرهہ مين سڀ ليٺو دپائي، چور چور ڪر اوچہ سنائي
چور شبد جب ماتا سنيو، هاٿ پسار اسباب س گديو
نهہ اسباب نهاريو جبڙين، ڪهيو ماتا ني اوچي تبڙين
گنگو همري خرچي جوئي، زيور پيري پٽاري سوئي

تئي سنڀال جي ڏري ڪتائئي، تب هم چنتا ڪرهين ناهين
سن ٻوليو گنگو هتيارا، لٽيو گيو موهه گهر سارا
ائسي تم ميري گهر آئي، پائيو قل مئن سيو ڪمائي
نهين چور اِدان ڪو آئيا، بيٽا تئي ڪيؤن رولا پائيا
ميري نئن نيند نهه ڀري، چنتا چڪا بيچ من جري
ٻول اُلٽيو ڪر ڪروڌ ڪرارا، نمڪ حرامي ڪوڙا ڪارا
مئن تمري اج جان بچائي، تم جهوٺي موهه تهمت لائي
چتري هتي اڪرتگهن پاري، پرسرام ني تاهين ماري
ميري گهر تي اٻهين نڪسو، اُلو اُلو پس چيتي ڪسرو

## دوهرا

سن ماتا تهه بچن ڪو من مين آت دکه پاءِ.
چور ٻري جي لئي گئو خصمين ڪو کاءِ.

## چؤپئي

مئي تا سهجهه سڀاوڪ ٻولئو، تئي بيٽا ڪيؤن ڪروڌ اروجهئو
تم مت ڪروڌ ڪرو من ماهي، اهو چور همرو تون ناهين
پتر همارا مل هئي جبهين، ڪمي ڪاهه ڪي رهئي نه تبهين
لئي گيو هوگر چور نس ماهين، مئن نجهه نئنن ديکيو ناهين
اِڪي برس هماري گهر مين، رهي آپ نهين چوري ڪرمئي
گنگو رام ڪروڌ مت ڪرئئي، ڌيرج ڌرو نا برا پچريئي
آب آرام بيٽا جا ڪرو، ميرا ٻولئا من مت ڌرو.
[ شهيد بلاس ]

**ارٿ** :- جڏهن آڌ رات ٿي، تڏهن دشت ٻاٻي
اُٿيو ۽ سڀ مال متاع جيڪو ماتا ڪٺي آئي هئي، سو
چورائي وٺي ٻنهنجي گهر ۾ پوريائين. پوءِ وڏي آواز
سان ”چور، چور“ پڪارڻ لڳو. جڏهن ماتا ”چور،
چور“ جو آواز ٻڌو، تڏهن هٿ ڏيئو ڪري ڏسي تہ
خرزين لهيڻي ڪانہ! پوءِ واڪو ڪري گنگوءَ کي
چيائين تہ ”اها، منهنجي خرزين، جا زيورن سان ڀريل
هئي، سا جيڪڏهن تو پاسيري ڪري رکي هجي تہ مان
چنتا نہ ڪريان.“ اِهو ٻڌي هڇارو گنگو چوڻ لڳو تہ
”اوهان جو اهڙو ڳرو قدم منهنجي گهر ۾ پيو، جو
منهنجو سارو گهر لٽجي ويو. مونکي شيوا ڪرڻ جو
اِجهو اهو ڦل مليو.“

تنهنتي ماتا چيو تہ ”هتي تہ ٻيو ڪوبہ ڪونہ آيو.
پٽ، تو جو رولو وڏو آهي. منهنجي اکين ۾ ننڊ
ڪانهي. چنتا مونکي ويڙهي ويٺي آهي.“

اِهو ٻڌي نمڪ حرام گنگو تپي لوهہ ٿي ويو ۽
چوڻ لڳو تہ ”مون اڄ اوهانجي جان بچائي. تون
ڪوڙي آهين جو مون تي ڇولو الزام ٿي رکين.
جيڪڏهن ڪتري ڪرتگهن نہ هجن ها تہ پرسرام بہ ڪين
ڪين ماري ها. منهنجي گهر مان هنيئر ئي نڪرو.
اُٿو اُٿو جلدي لڏيو، دير نہ ڪريو.“

گنگوءَ جا اِهي ڪنور وچن ٻڌي ماتا کي ڏاڍو ڏکُ ٿيو ۽ چيائين ته ”شايد ٻيو ڪو چور هوندو. ٻوءِ ڪيئن سمجهاڻ لڳي ته پٽ! مون ته توکي سهڄهه سياڻو ۽ چيو، ٻر توکي ڪاوڙ لڳي؟ ڀلائي ڪري ڪاوڙ نه ڪر. تون چور ڪونه آهين. جڏهن منهنجو پٽ مونکي موٽي ملندو، تڏهن اسان وٽ ڏن جي ڪمي ڪانه ٿيندي. شايد ٻيو چور مال متاع ڪڍي ويو هوندو. مون پنهنجن اکين سان ڪيس ڪڍندو ڪونه ڏٺو. تون اسان جي گهر ۾ ايڪيهه (٢١) ورهيه رهيو آهين، ٻر تو ڪڏهن به ڪنهن شيءِ کي هٿ ڪونه لاتو آهي. دل ۾ ملال ڪرين. ڌيرج ڌار ۽ ڪو به برو خيال نه ڪر. پٽ! هينئر وڃي آرام ڪر. منهنجو چيو چايو دل ۾ نه ڪاڃاڻءِ.“

ماتا جي ڪومل وچن جو گنگوءَ تي ڪو به اثر ڪونه پيو. چوڻ لڳو ته ”واهه جو منهنجو قدر سڃاتو اٿو. ٿورو ته ٿوري جي ماڳ، اُتلو چوريءَ جو الزام ٿا لڳايو. اڄهو هينئر ٿو اوهانکي مغل حاڪمن جي حوالي ڪريان. ٻوءِ اوهانکي پاڻيهي ڪل پوندي.“

ماتا چيو ”ٻچا، اسين تنهنجا ٿورائتا آهيون، جو تو اسانکي پنهنجي گهر ۾ اڄهو ڏنو آهي. قسمت جڏهن ٻونکي پٽ سان ملائيندي، تڏهن توکي ڍئي چڏ پندپس. تون دلاڄاءِ ڪر.“

مايا ٻرٿوي ۽ تي اهي راڳا ڪيا آهن، جي ٻڌي
لنگهه ڪاندارجو وڃن. نياڳي رسوءِ ڏن جي لالچ تي
ماتا کي ٻنهنجي گهر ۾ آندو. سو ڏن ته ڦٻايائين، ٻر
هاڻي اُٻاو ڳولڻ لڳو ته ڪيئن هن کي گهر مان وري
ڪيان. چاڪاڻ ته جي ترڪن کي پتو پئجي ويو ته
هي منهنجي گهر ۾ لڪيل آهن ته مان ٻه ڦاسي ويندس.
ٻوءِ ڏن ڪير ماڻيندو؟ اهو ويچار ڪري هن تنهن
کي ٻڪڙائڻ جو ڪو ٻيو ٻچايو. جڏهن ماتا جو ذرو
ٻه اثر گنگوءَ تي ڪين ٿيو، تڏهن ٻابا زوراور سنگهه کيس
چيو ته ”يائي گنگو! تون مونکي دڪڙي ڳالهه جو جواب
ڏي. ٿورو وقت اڳي تو اسانکي ڪرتگهن ڪري
ڪوليو، ٻر هاڻي ته تون پاڻ ٻي شڪر وتي پيو آهين.
تو هيترا سال اسانجي پتا جو نمڪ کاڌو آهي تنهنجو
بدلو اِج اهو تو ڏنو، جو اسانکي فريب سان گهر ۾
آڻي، ڏن ڦري هميشه ٻڪڙائڻ ٿو چاهين. جي اسان
کي تنهنجي بدنيت جي خبر هجي ها ته اسين تو سان
ڪين اچون ها. هاڻي گهڻو شور نه مچاءِ. اسين هميشه
جو هميشه گهر ڇڏي ٿا وڃون. جيڏانهن ڪرتار جي
مرضي هوندي اوڏانهن هليا ويندا سون.“

برهمڻ ڪڙڪو ڪري چيو ”واهه واهه! ڀلا انهن
حالن هوندي اوهين هتان نڪري سگهندا؟ ائين جئي

ڪوٺيءَ کي ڪڙو ٻائي ۽ گھر کي ٻاهران قلف لڳائي گوٺ جي مکيه وٽ ويو. مکيه کي انعام جي لالچ ڏيئي پاڻسان ولي **مورنڊا** نالي گوٺ ۾ جتي مغلن جي سينا لٿل هئي، اُتي پهتو ۽ سردار کي سموري خبر ڏنائين. سردار اها خوش خبري ٻڌي ٻاڻ سان ڪجھ سپاهي وٺي **ڪيڙيءَ** ۾ آيو. مليڇ برهمڻ جي گھر جي ٻاهران بيهي چوڻ لڳو "ٻڍي ماتا! پنهنجن ٻارن سان ٻاهر نڪري اچ. اوهانکي نواب وٽ ولي هلندس."

دکي ماتا جواب ڏنو ته "هنن ٻالڪن ته ڪنهنکي به نقصان ڪونه رسايو آهي، پوءِ هنن کي ڇو ٿا تڪليف ڏيڻ گھرو؟"

سردار جواب ڏنو "ٻڍي، هنن ٻارن کي ڪا تڪليف ڪانه رسندي. تون ڪو اُلڪو نه ڪر. فقط نواب جي اڳيان کين حاضر ڪرڻو اٿم، ٻيو ڪجھ به نه آهي. اسانکي حڪم آهي ته گوروءَ جو ڪوبه مٽ مائٽ يا ساٿي ملي وڃي ته هنکي حاضر ڪريو."

لاچار ٻڍي ٻارن کي وٺي ساڻن وئي.

ماتا پنهنجا لاڏلا، جوڄ سان پاليل، خالص ڌرم جون اُميدون، گورو گوبند سنگھ جي اکين جا تارا، ست ڌرم جي خاطر ٻلي دان ڏيڻ لاءِ پاڻ سان ولي ڏاڍي تيڪي رٿ تي چڙهي روانا ٿيا. پوهه مهني جي

تڏهن هوائن بدن کي تي ڏڪايو، ۽ ماتا ٻالڪن کي
تڏ کان ٻچائڻ لاءِ ڇاتيءَ سان لڳائي ڪٽي چادر ۾ ويڙهيو.
نماشام وقت سيٺئي اچي **سرهند** ۾ پهتا. نواب کي
سارو حال سڻايو ويو. جنهن حڪم ڪيو ته في الحال
هنن کي برج ۾ قابو رکو. گهوٽ جي گهر گهر ۾ خبر
پئجي ويئي ته گورو صاحبن جي ماتا ۽ ٻه فرزند پڪڙيا
ويا آهن. نواب اُنوقت قاضين ۽ ملن کان پڇيو ته ڇا
ڪجي؟ سڀني جي صلاح هئي ته صاحبزادن کي اصل
نه ڇڏجي. جي دين قبول ڪن ته واهه، نه ته کين
مارائي ڇڏجي. اها خبر شهر ۾ پکڙجي ويئي ۽ جتي
ڪٿي هاهاڪار مچي ويئي. جڳت گوروءَ جي ماتا ۽
ٻن صاحبزادن کي برج ۾ رکيو ويو.

هاءِ! ماتا گوجري! ڪٿي آهن تنهنجا محل
ماڙيون، گرم ڪپڙا ۽ ريشمي سوڙيون ۽ پٿرنيون؟
اُهي سکن جا آستان ڪاڏي ويا؟ ترلوڪي ناٿ تنهنجو
پٽ، جو تنهنجي پير ۾ ڪنڊو چڀندو به نٿي ڏسي
سگهيو، سو اڄ ڪٿي آهي؟ تنهنجا سورهيه وڏا پوٽا
ڪٿي آهن؟ پياري ماتا! تو ڇا ڇا نه انهن پاپين تان
قربان ڪيو. تنهنجي گود ۾ راند ڪندڙ ٻالڪ به
گهڙيءَ اڌ جا مهمان آهن. تو انهن جهڙن بي شڪر انسانن
جي ڇوٽڪاري لاءِ پنهنجي جان به ترىءَ تي ڪنئين آهي!

سندر ڪومل جگر جي ٽڪرن کي ڇاتيءَ سان لڳائي
ڏکي ماتا گهڙيون ڪئي گذاريون. جيتوڻيڪ ٻالڪ آهدا
۽ هٺا تہ بہ نسڇنت تي ماتا جي گود ۾ ئي ليٽي پيا،
جتي کين ننڊ ڪٽي ويئي. پر، ماتا کي ڪٿي تي
ننڊ اچي؟ ساري رات ماتا چنتا ۾ گذاريو.

صبوح ٿيندي ئي هڪ پنڊت ٻرج ۾ آيو ۽ چوڻ لڳو تہ:-

"ديوي! هنن ٻالڪن کي ٿورو وقت هيڏانهن موڪل."

ماتا- هنن ۾ اوهانجو ڪهڙو ڪم آهي.

پنڊت- سرهند جي نواب وزيرخان جي دربار لڳي ويٺي آهي، اُتي فقط تنهنجي پوٽن کي ڏسڻ ٿو گهري.

ماتا- "نواب کي ڇو تہ هنن معصومن کي ڏسڻ مان ڪيس ڇا ورندو."

ايترو ٻڌي پنڊت هليو ويو، پر جهٽ وري موٽي آيو ۽ اچي چيائين تہ "نواب صاحب چوي ٿو تہ اوهين ڪنهن بہ قسم جو اُلڪو نہ ڪريو. اُنهن جي وار جو ڪو نالو ڪونہ ڇنهندو. فقط ساڻن ملاقات ڪرڻي اٿم."

وڏيڪ پنڊت ايترو چيو تہ "اوهين ڪوبہ ڊپ نہ ڪريو. مان ڏهو ٿو ڪٽان تہ وري کين سوڻائي اوهان وٽ پهچائي ويندس."

ماتا کي انهن لفظن تي ڪوبه اعتبار ڪونه آيو، ڇاڪاڻ ته هن اڳ ۾ گهڻيئي ڀيرا اهڙا ڪوڙا قسم کنيا هئا. جيئن جيئن ٻڌاڻ ٻيو مٺيون مٺيون ڳالهيون ڪري، تيئن تيئن ماتا ٻنهي ٻالڪن کي زور سان ڇاتيءَ سان لڳائي. اتي ٻابا زورآور سنگهه اٿي ڪڙڪو ٿيو ۽ چوڻ لڳو "ماتا جي! تون فڪر نه ڪر. اسانکي وڃڻ ڏي. ڀلا اهڙو نردئي ڪمندو ڇا، جو اسان بي قصور معصومن کي مارائي ڇڏيندو؟" وڏي ڀاءُ کي ڏسي ٻابا فتح سنگهه به اٿي ڪڙڪو ٿيو.

دي ٻريمي سڄڻو! ذرا وچار ته ڪريو ته هن وقت ماتا جا آنڊا ڪيئن نه اٿلندا هوندا. ڪير جيڪر پنهنجن مٺن ٻيارن کي موت جي منهن ۾ ڪيدي ڏئي؟ ٻر ماتا ڀارت ڀوميءَ جي ڀاڳن جي ٻار لاهڻ لاءِ پنهنجا جگر جا ٽڪرا قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿي.

سوروير ٻالڪ نربيه (بي ڊپا) ٿي ماتا کان آسيس منگي ٻڌاڻ سان روانا ٿيا.

هڪ ڪمري ۾ دربار لڳي ويٺي هئي. وڏا وڏا هندو ۽ مسلمان رئيس ويٺا هئا. وزيرخان هڪ تخت تي ويٺل هو. دلير صاحبزادا ڪنهن به ڊپ ڊاءُ کان سواءِ تخت جي اڳيان وڃي بيٺا. اهو ڏسي سچانند ذالي مڪڙي کنڊيءَ جيو "ٻچا! تخت تي سرمند جو

نواب صاحب براجمان آهي. اوهين کيس نمٽري سلام ڪريو."

بابا زوراور سنگهه – "هڪ اڪال پورک ۽ ستگورن بنا ٻئي ڪنهن کي به نمٽري سلام ڪرڻ جي، اسانکي منع آهي."

اهڙي بي ڌڙڪي ۽ سورهيائي ڏسي سڀيئي حاضرين حيران ٿي ويا. نواب ٿورو شرمندو ٿيو، پر ڪين پنهنجي پاسي کان سڏي چوڻ لڳو ته "تي ڏينهن ٿيا ته اوهانجو پتا چاليهن سکن سان چمڪور ۾ ڪٽيو ويو ۽ ماريو ويو. اوهين وڏيا ڳي آهيو، جو اسانجي دربار ۾ آيا آهيو."

بابا زوراور سنگهه – اسانجو سورويرپتا جيئرو آهي. کين مارڻ وارو ڪو ڪونهي. اڪال پورک سندن راکو آهي. جيئن آسمان ڪيرائڻ، طوفان روڪڻ، جبل کي چورڻ يا سج جند هٿ ڪرڻ ناممڪن آهي، تيئن گورو صاحبن کي به جيتڻ نا شدني آهي. هو چاهين ته اوهانجي پاڙ پٽي ڇڏين. پر کين ايشور جي اڇا پرماڻي هلڻو آهي. هي سڀ اوهانجون لباڙون آهن. اسان کي انهن تي ذرو به اعتبار ڪونهي.

نواب وزيرخان پوءِ کين مسلمان ٿيڻ لاءِ انيڪ قسمن جون لالچون ۽ دڙڪا ڏيڻ لڳو. بالڪ اگرچ

نون (۹) ۽ ستن (۷) ورهين جا هئا، ہر تہ بہ بالکل
ہي ڏيا تي ٻنھنجي ڌرم تي قابو رهيا. جوڙا شير جا
ٻچا هئا، اڙائي ٿاهت تي بيٺا.

نواب ۽ صاحبزادن جي وچہ جا گفتگوء هلي ۽
ڪچہري ۾ جيڪي وهيو واپريو، تنهنجو بالکل
سندر احوال ديوان ليلارام سنگهہ صاحب "سچي شهادت"
۾ ڏنو آهي، جو هتي ڏجي ٿو:-

## (گفتگوء نواب ۽ صاحبزادن جي.)

### نواب:-

صاحبزاڎ! ٿيو مسلمان ۽ پڙهو نمازان هڪدم هاڻي
أمراء زاديون، تن سان شاديون ۽
ڪريان توهان جون، ڪي نہ ناڻي
سوين تماشا، باز ۽ بانشا ۽ ٿيو ائين پاشا، موجون ماڻي
ڪفر ۾ چاهي، ديں ونو ائين ۽ آخر سوئي بهشت آڻي.
[پاشا = پاتشاهہ.]

### سري زوراور سنگهہ:-

سکي آهي ڌرم اسانجو ۽ ساري دنيا سکي تاري
هندو مومن، شودر پانيڻ ۽
ڪوبہ هجي ڪو، سڀ کي ڌاري
پتا منهنجو، ہرم ہوتہ ۽ ڌرم رکيا لئي، سڀ ڪجهہ واري

ڪفر نہ ڇڏ تون، ساڃهي سڪي؛
والهہ نڪي، ھرت سنياري.
[واري = قربان ڪري؛ والهہ = وارڻ کان،
نڪي = سنڌي، ھرت = سيني جي.]

## نواب:-

صورت تنهنجي، آهي سهڻي؛ ليڪن آهين، اندر ڪارو
بي ٻيڻ تنهنجو ڪافر آهي؛ مذهب تنهنجو، ڪوڙو سارو
ٻيڙو لڙڪا، اجاڻ آهيو؛ سامهون توهانکي هوندو ڀارو
ٿيو مسلمان، ڪريو شتابي؛ نہ تہ ڪريان ٿو، قتل اشارو.
[شتابي — تڪڙ، جلدي.]

## سري فتح سنگهہ:-

مٿان ڇوين تون، ڪافر موذي؛
مٿان تون ڏين اٿيئي، سر جا ڏڙڪا
ڀتا اسانجو، ڌرم ۾ پورو؛ مليڇہ ماري، ڀڙ ڀڙ ڀڙڪا
ترار جيڪر، هڃي اسانکي؛ ڏسين عجائب، ڦڙ ڦڙ ڦڙڪا
اسين نہ ڪانئر، آهين تون گيدي؛
ڊڄون نہ ڪنهنکان، سنگهہ جا لڙڪا!
[موذي = ڪنجوس، نيچ؛ ڀڙ ڀڙ ڀڙڪا =
ڀڙڪا ڏيئي؛ سنگهہ = شينهن.]

نواب غصي ۾ اچي هڪ ٻڌائي کي چوي ٿو:-
هنيان قتل ڪر، اٿي ٻنهي کي؛ آهن ٻئي ھي، سرپ جا ٻچا

آهن ڪفر ۾، ڪلي سي ڪامل؛
اهي نه ٿيندا، ڪڏهن به سچا
سيئون ٻنهي جون، جدا ڪري وٺ؛
الله عجب هي، لئين رچا
ڪفر جون ٻاتيون، ٻئي ٻڪن ٿا؛
اجا الڙهي، ٻدن ۾ ڪچا!

[ ڪلي سي ڪامل = سڀ پورا؛ الله...... رچا = الله! اهي عجيب لعنتي تو پيدا ڪيا آهن؛ آلڙ = ننڍا. ]

## جواب پٺاڻ جو:-

نواب صاحب، قتل ڪريان ڪيئن؛
آهي اُنهن جو، قصور ڪهڙو؟
عمر جا ٿورا، عقل جا پورا؛ ڪريو ٻچن تي، غصو نه اهڙو
ڏيون معافي، ملن سي مادر؛ لهو ٻنهن کي، وڙهڻ نه جهڙو
جلاد نه آهيان، قتل ڪريان مان؛
هنن جو جهڪي، عجيب چهرو.

[ مادر = ماءُ؛ جلاد = ڪاسائي. ]

اهو حال ڏسي نواب کي ڏاڍو غصو آيو. هر قسم جا بد لفظ ڳالهائي، ٻنهي ٻالڪن کي هڪڙي رازي ڪان پٺ ۾ چنبڙائڻ لڳو. پٺ ٻئي ڪاڇي، ماڻهون ٻئي هاءِ هاءِ ڪئي، ٻنهي ٻئي سري جب صاحب پڙهيو. جڏهن جيلهه تائين پٺ آئي، تڏهن نواب ٻنهي ٻارن کي جيئو تر

ماڻي ڪٺي ڪامو ٻڙهو ۽ ڏين قبوليو تہ توهانکي جيئدان ڏيان ۽ هرطرح جون خوشيون ڏيکاريان. ٻالڪن جواب ڏنس تہ جيڪي ٿيڻو آهي، سو اوس ٿيندو. جان وڃي تہ وڃڻ ڏي، پر ڏرم مور نہ ڇڏ يندا سون. راڄ جڏهن پيت مٿي ڪٺڻ لڳو، تہ ڏهن وڏو پاپ چويس تہ پهريائين مونکي پوروڪر ۽ ننڍو چويس تہ پهريائين مونکي!

## سري زوراور سنگهہ راڄي ڪي:-

سگهو جي پوري، ونين اڳي مونکي؛
ميان تون مونتي، ڪرين پلائي
ننڍو جو پائي، ڏسان نہ ويندو؛
سهي سگهان ڪيئن، اِها تباهي؟
خدا جي ڪارڻ، عرض اِدو مهجو؛
شتاب تي تون، ڪر نہ ڍلائي
نہ ڏوهہ تنهنجو، آهي ذروئي،
تڪڙ ڪري وٺ، ڪريان دعائي.

[ تباهي = آفت؛ شتاب = جلد. ]

## سري فتح سنگهہ راڄی ڪي:-

اڙي ميان جي، نہ ڇڏ تون مونکي؛
مٿي لٽڻ ۾، دير نہ ڪائي
اول ڪي آخر سيني کي هلٺو؛ اسانتي آئي، اِها جدائي

ٻران ٻيارو، آهي ٻريتم؛ ڏسان نه ويندو، اڪئين سو پائي شهيد اڳي، ميان مونکي ڪري قسم اتيئي، اهو خدائي.

## سري زوراور سنگهه رازي کي:-

متان متان ائي، ڪرين ائين تون؛
وڏو نه سهندو، نفيءَ جا دڪڙا
الله جي ڪارڻ، مونکي لڻي وٺ؛
گهٽا ڏنا مون، نفيءَ کان سڪڙا
پتا اسانجو، توکي اڏيندو؛
لکين ملهيندس، تنهنجا ٻه شڪرا
ائين نه ڪندين، خراب ٿيندين؛
گهٽا تون سهندين، مهيب فڪرا.
[ مهيب = هئبت ناڪ؛ فڪرا = گهٽيون. ]

ٻالڪن جي اها گهائيندڙ گفتگو ٻڌي، ڪيترن ماڻهن ڳوڙها ٻئي ڳاريا ۽ سڏڪا ٻئي ڀريا. نواب خود وائڙو ٿيڻ لڳو. تنهنتي ميرمحمد خان نالي هڪڙي صوبي نواب کي چيو ته ٻي قصور ٻالڪن کي مارڻ مان ڪهڙو فائدو ٿيندو؟ مهرباني ڪري معافي ڪٽي ڏيون. نواب اجا ٻڌو تريو ٻئي، ته سندس ميرمنشي سچا نند کتريءَ نالي، ڏاڍي واڪي سان چيس نه "سائين، سرپ جا ٻچا جي ڇڏبا، ته ڪڏهن نه ڪڏهن اچي ڏنگيندا." تنهنتي نواب رازي کي حڪم ڏنو ته پيت

مٿي ڪري، جيئن صاحبزادا سورا ڇڏي وڃن. رازي جي دل نٿي چيو ته ڪو اهڙو ڪم ڪريان. پر لاچار حڪم جو ٻڌو ٻڌي ڪم شروع ڪيائين ۽ سارو وقت ٻڏي رنائين.

پهريدار جيڪي پٽ جي پاسي کان ترارون اُگهاڙيون ڪيو بيٺا هئا، تن صاحبزادن کي گهڻوئي سمجهايو ته هينئر به دين اسلام قبوليو ته ڇوٽڪارو مليو. پر صاحبزادن هڪ به نه ٻڌن ۽ اُنوقت پنهنجي مڪاربند مان هي وچن ڪڍيائون :-

## چؤپئي

آهو ياگهه هموري اب پئي، ڏرم هيت هم ناچر تن دئي
جان جاء ايمان نا جاوي، ساڏي من اج ايهي ڀاوي
ڪڙڪر جمڪندا لگي پيارا، ٻدا دير اب ڪرپئي ڪارا
لاکر ٻرس جيوي تئؤ مرنا، ٻر اُيڪار سڦل هئي سرنا
تم اب اپنا ڪڙگر سنيارو، هموري گلي ايي ڪٽ ڏارو
اِم ڪهر لگي پاڪ جب ڪرني، پيڇه ديوار ديهه هم ڏرني
ڪهئو جلادن راجا تانئي، ديئو ديوار ڏاهر اب سائي
ڏاون لگي راج پن جبهين، تاجي ديهه دوئؤ پراتن تيهين
تب آواز تهه تي ايهه آئي، ات اؤجي سيهن سن پائي.

## دوهرا

جني نام ڏيائيا گڏي مشقت گھال
نانڪ تي مک اُجلي ڪيتي ڇٽي نال.

[شهيد بلاس]

**تات پريم:**— ”اسين وڏيا ڳي آهيون، جو ڌرم لاءِ پنهنجي جان ڏيون ٿا. جان وڃي ته ڀلي وڃي، پر شل ايمان نه وڃي. ڇمڪندڙ ترارين ڏسي اسانجي دل ھٿي ٿيا ڏئي، سو جلد اسانکي پورو ڪريو. هزارين ورهيه ڪٽي ڪو جيئرو رهي، ته به نيٺ هو اوس مرندو. پر اهڪار لاءِ سر ڏيڻ ڪري، جنم سڦلو ٿئي ٿو. اوهين بلاشڪ ترارين سان اسانجا ڳلا ڪپي ڇڏيو.“

ائين چئي صاحبزادن سرتي جب صاحب جو پاٺ شروع ڪيو. رازو به اوساري ڪٽندو رهيو. جڏهن پٽ ايترو مٿي ڪاجي ويئي جو صاحبزادا صفا پٽ ۾ پوُرجي ويا، تڏهين پهريدارن رازي کي پٽ ڊاهڻ جو حڪم ڪيو. جڏهن رازو وري پٽ ڊاهڻ لڳو، تڏهن سيني حاضرين سري جب صاحب جي پوئين سلوڪ جون پويون به تڪون اوُچي آواز ۾ پڙهيون. صاحبزادن پوءِ ديهه تيا ڳي. اهو شهيديءَ جو واقعو تاريخ ١٣، پوهه سمبت ١٧٦٢ برابر عيسوي سنه ١٧٠٥ ۾ ٿيو.

ماتا گوجريءَ پنهنجي نؤڪر کي چئي ڇڏيو هو ته ڪچهريءَ جي خبر چار وڃي لهه، ته ڇا ٿو ٿئي. هن ويچاري کي ڪنهن ڪچهريءَ ۾ وڃڻ نه ڏنو. آخر رات جي سمي جيئن ڪچهريءَ وٽان لنگهيو ته ڇا ڏسي ته صاحبزادن جا لاشا پيٽ وٽ پيا آهن. اهو ڏسي هنکي اهڙو صدمو رسيو، جو بابا فتح سنگهه جي مياڻ مان ترار ڪڍي پاڻکي پيٽ ۾ هڻي اُتيئي پران ڏنائين.

جڏهن هڪ ڏاڍي سک ڀائي ٽوڊرمل کي خبر پيئي ته گورو صاحبن جي ماتا ۽ ٻه ننڍا صاحبزادا سرهند جي نواب وٽ قيد آهن، تڏهن پاڻسان گهڻا پئسا کڻي اُنهن کي ڇڏائڻ لاءِ سرهند ويو. پر صاحبزادن جون شهيديون اڳيئي ٿي چڪيون هيون. پوءِ هو ماتا گوجري وٽ ويو، جنهنکي اڃا پوٽن جي شهيديءَ جي خبر ڪانه پيئي هئي. هوءَ ڏاڍي چنتا ۾ ويٺي هئي. هن بار بار پئي پرارٿنا ڪئي ته ”سري گورو نانڪ ديو! منهنجن لاڏلن جي پت رکجِ.“ ڀائي ٽوڊرمل صاحبزادن جي شهيد ٿيڻ جي خبر ماتا گوجريءَ کي ٻڌائڻ ٿي چاهي، پر هن کي زبان مان اکر ئي نه اُڪلي. ماتا گهڻي انتظار ۾ اُٿي ڀائي ٽوڊرمل کي هٿن کان جهلي پڇيو ته ”ڀي ڀلا لوڪ! تون سچ ٻڌاءِ ته منهنجن لاڏلن جو ڪهڙو حال

ٿيو؟ ڪڏهن منهنجي هينئين جا هار ٿيندا؟ تون جو ايترو ڏکُ ۾ آهين؟

ڀائي ٽوڏرمل دل ڏاڍي ڪري چيو "ماتا! تنهنجا لاڏلا بي رحمن قتل ڪري ڇڏيا. امي! تنهنجي اکين جا تارا، سکن جا آڌار، گورو مهاراجن جا پيارا اڄ بي رحم ظالمن ڪوس ڪري ڇڏيا."

اها قهر جهڙي خبر ٻڌندي ئي ماتا گوجري زمين تي ڪري پيئي ۽ بي هوش ٿي ويئي. ڪيس سرجيت ڪرڻ لاءِ ڀائي ٽوڏرمل مٿس ٿڌو هلايو. ماتا جي ٿورو سرت ۾ اچڻ تي ڏاڍيان چيو "او زورآور سنگهه! او فتح سنگهه! اوهين ڪٿي آهيو؟ پنهنجي ماتا کي ڇڏي ڪٿي ويا؟ مونکي هاڻي ڪير آمي ڪري ڪوٺيندو؟ منهنجي گود ۾ هاڻي ڪير اچي ويهندو؟ هاڻي مان اوهانکي ڪٿان ڏسنديس؟ هي منهنجا سورما پٽ! هي منهنجي اکين جا تارا! مونکي خبر پيئي آهي ته اوهان ڪڏهن نه ڪشت سٺا آهن. هي منهنجا لاڏلا! مون اوهانکي ننڍي هوندي ڪڏهن ٻڌي نه ڏني! افسوس! بي رحم مسلمانن اڄ منهنجي جيئڻ جيارن، سندرن موهيندڙ ٻالڪن کي مونکان جدا ڪيو. وري به آئت اهو اٿم، ته اوهان ڌرم جي صدقي پنهنجو سر ڏيئي جنم سڦلو ڪيو. سري واهگورو اوهانجو سچ کنڌ ۾ واسو ڪندو. شل اهو واهگورو

مونکي ۽ اوهان سان جلد ملائي." ائين چئي ماتا وري ۽ زمين تي ڪري پيئي ۽ جوتي جوت سمائجي ويئي.

ڀائي ٽوڏرمل، صاحبزادن، ماتا گوجريءَ ۽ ٽنهي جو اگني سنسڪار ڪيو. انهيءَ جاءِ تي هڪ وڏو گوردئارو ٺهرائي ڇڏيو ويو، جنهنکي فتح ڳڙهه ڪري سڏيندا آهن.

جڏهن مغلن کي خبر پيئي ته رسوئي برهمڻ، جنهن ماتا گوجريءَ ۽ ٻن صاحبزادن کي پڪڙايو هو، تنهن وٽ ماتا گوجريءَ جو گهڻو ڌن آهي، تڏهن کيس پڪڙي ڪانئس سچي ڪرائڻ لاءِ ڏاڍا عذاب ڏنائون. هن کين ڏس ڏنو، پر ڌن اتان ڪونه لڌو. مغلن سمجهيو ته هيءُ اسانکي ٺڳي ٿو، سو هنکي اهڙو ته ڇيڇلا ٻائون جو هنجا پران نڪري ويا. سچ چيو اٿن ته "پاپي کي مارني ڪو پاپ مها ٻلي هئي."

جنهن سمي دهلي مان موتي آيل صاحبن جون استريون، ماتا سندري ۽ ماتا صاحب ديوي ڪلي دربار ۾ هٿ جوڙي، بار بار وينتي ڪري پڇڻ لڳيون ته "هي سچا پاتشاهه! اساجي چئن دلارن مان هتي هڪ به نظر نٿو اچي، ديا پالي پڌايو ته آهن ڪٿي؟" تنهن سمي صاحبن پنهنجي پوتر مک مان هي وچن ڪيا:-

"ان پترن ڪي سيس پر، وار ديئي سٽ چار
چار گئي تو ڪيٽا هوئا، ڀي جيوت ڪئي هزار."

اُنوقت ماتائن ۽ سڀني حاضرين سنگتن جي اکين مان زار زار جل ڇٽي وهيو، مگر گورو صاحبن آنند سروپ ٿي اُنهن سڀني کي ڀرپور ڌيرج ڏيئي سندن جنم سڦارٿو ڪيو.

”سوُرا سو پهچانيئي، جو لڙيئي دين ڪي هيت
پرزا پرزا ڪٽ مري، ڪبهوُن نہ ڇاڏئي کيت.“

## ست سري اڪال.